2

پارن لاءِ لوڪ ڪهاڻيون

Sindhica

پارن لاءِ لوک کھاڻيون

(پيون حصو)

سھيڑيندڙ

فضل الرحمان ميمڻ

Sindhica
سنڌيڪا

كتاب نمبر

54

حق ۽ واسطا سنڌيڪا وڻ محفوظ

كتاب جو نالو: هارن لاءِ لوڪ كهاڻيون
(ٻيون حصو)

سهيڙيندڙ: فضل الرحمان ميمڻ

پهريون چاپو: 1997ع

ڇپيندڙ: آزاد كميونيكيشنز كراچي

ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اكيڈمي كراچي

ملهه: 30 رپيا

Baran Laae Loak Kahaniyoon II
(Folk Tales for Children)
Compiled by : Fazlur Rehman Memon
Published by: Sindhica Academy, Karachi-74400
Ph: 7737290
Printed at Azad Communications Karachi- 74400

Price: Rs. 30

ملڻ جو هنڌ

سنڌيڪا اكيڈمي

B-24 نيشنل آٽو پلازه، مارسٽن روڊ

پوسٽ باكس نمبر: 7363، كراچي 74400

سٽاءُ

دل جي پرک	5
قسمت کيئن جاڳي	12
پيءُ جي نصيحت	17
ڏاهو ٻڪرار	19
چورن مٿان مور	25
چار ٽول رات کيلي	35
عقل ۾ اڪابر	42
سونو ککڙ	54

دل جي پرک

هڪڙي شهر ۾ هڪڙو سوداگر رهندو هو، نہ ڪنهنجو لهڻو نہ ڪنهنجو ڏيڻو. سندس واپار ڏورانهن ڏيهن تائين پيو هلندو هو. ڪيس ٽي پٽ هئا؛ هر ڪنهن جو سياڻ پنهنجو پنهنجو.

سوداگر کي ملڪيت تہ چگي هئي پر ان کان سواءِ ڪيس هڪڙي قيمتي منڊي بہ هئي. ويا ڏينهن پٺيان ڏينهن گذرندا. حياتيءَ تي کهڙو پروسو آهي. سوداگر بہ راه رباني وٽي هليو ويو.

پيءُ جي مرڻ پڄاڻان ٽنهي پائرن ۾ تہ سموري ملڪيت ورهائي ٽي حصا ڪري ڪنئي، پر منڊي هئي ئي ڪانہ. سينئي چيو، "بابي جي مرڻ کان گهڙي بہ اڳ بہ منڊي تہ هئي تہ پوءِ ويئي ڪيڏانهن؟" هرڪو هڪ ٻئي تي شڪ آڻڻ لڳو، پر ڪير ڪنهن کي ڪيئن پڪڙي! نيٺ ويا قاضيءَ وٽ. چي، "اسان جي بابي وٽ هڪڙي قيمتي منڊي هوندي هئي. پر پوءِ الائي ڪيڏانهن گم ٽي ويئي. هاڻ اسان ٽنهي جو هڪ ٻئي ۾ گمان

آهي. هرڪو سمجهي ٿو ته اسان ٽنهي مان ئي ڪنهن ڪنڊي آهي، ان جي نبيري لاءِ اسان توهان وٽ آيا آهيون."

قاضي ٽنهي پائرن جي گفتگو ٻڌي، ڪن ته چپ رهيو. پوءِ ڪين مشڪي چيائين، "نوجوانو! اڄ رات جي ماني توهان مون وٽ ڪائو، پوءِ ويهي پاڻ ۾ ڳالهيون ٻ ڪنداسين ته توهان جي مشڪلات جو نبيرو ٻ ڪيو ويندو."

ٽنهي پائرن اها ڳالھ خوشيءَ سان قبول ڪئي. رات ٿي. هي ٽيئي پائر ۽ چوٽون قاضي ويٺا ماني کائڻ. ڳالهين ڪندي قاضيءَ چيو، "هڪ مسئلو اڃي بيٺو آهي، تنهن ٻ ڏاڍو منجهائي وڌو آهي."

ٽنهي پائرن چيو: "قاضي صاحب اهڙي ڪهڙي ڳالھ آهي، جنهن توهان جهڙي قابل شخص کي ڪٽڪي ۾ وڌو آهي. ٻڌايو، ٿي سگهي ٿو ته اسان توهان کي ڪا مدد ڪري سگهون."

قاضيءَ پوءِ ڳالھ هن ريت شروع ڪئي: هڪڙي نينگري، جهڙي هئي سونهن ۾ سوڀياوان تهڙي ئي هئي هلت چلت جي ناهوکي. سندس ڪنهن سان نينهن هو. روز هي ٻ محبتي پيا پاڻ ۾ گڏبا هٿا. پريت جون رهاٽيون ڪندا هٿا ۽ ائين ڏينهن پٽيان هفتا، هفتن پٽيان مهينا ويا گذرندا. چوڪريءَ جي مائٽن سندس مگڻي ٻئي هنڌ ڪرائي ڇڏي.

چوڪرِي ٻلا مائٽن کي چا چوي؟ ۽ وڃي ٻ ته وڃي ڪيڏانهن؟ نيٺ روئي پنهنجي ڏک جو داستان پنهنجي سنگتيءَ

سان کیائین. سندس سنگتيءَ گھٹو ئي خيال ڪيو، پر ڪابہ راہ نظر نٿي آيس. تڏھن ڪيس چيائين، "جڏھن شادي ڪرين تڏھن سھاڳ جي سيج تي ويھڻ کان اڳ مون سان فلاڻي ھنڌ ملجاڻ. بس توکان مان آخرين طور اھوئي ٿو گھران."

چوڪريءَ ڪيس پڪ ڏني تہ ھوءَ سندس چوڻ مطابق ھلندي ۽ سيج تي ويھڻ کان اڳ ھن سان گڏبي.

ڪجھ ڏينھن بعد چوڪريءَ جي شادي ٿي وئي. ڄج واپس گھر پھتي ۽ چوڪريءَ کي سيج واريءَ ڪوٺيءَ ڏانھن موڪليو ويو. چوڪري ڳٽتي ۾ ھئي تہ ھاڻ ڪھڑيءَ طرح نڪري جو ھوءَ پنھنجي سنگتيءَ سان گڏجي. ان ڳٽتيءَ ۾ ھوءَ ڪوٺيءَ جي ٻت کي ٽيڪ ڏيئي ھڪڙي ڪنڌ ۾ ئي ويھي رھي.

ايتري ۾ سندس مڙس در کولي اندر آيو. ھو پنھنجي نو ورنيءَ کي سيج تي نہ پر ڏرتيءَ تي ھڪ ڪنڌ ۾ ويٺو ڏسي، عجب ۾ پئجي ويو. ھن پنھنجي نئين ڪنوار کان ائين ھڪ ڪنڌ ۾ ويھڻ جو سبب پڇندي چيو، "شايد مان توکي پسند نہ آھيان، تنھن ڪري تون ناخوش آھين؟ مان توسان وھاڻ ڪري تنھنجي دل کي ڏک پھچايو آھي..."

تنھن تي چوڪريءَ چيو، "منھنجي مائٽن جيڪو مون کي گھوٽ وٺي ڏنو سو منھنجي اکين تي آھي. اھا چوڪري ڪھڑي، جا مائٽن جي مرضيءَ جي ابتڙ وڃي. مائٽ پنھنجي

ڌيءَ جا دشمن تہ ڪونہ هوندا اهن. هو جيڪي بہ ڪن ٿا، سندس ئي ڀلي لاءِ. پر شاديءَ کان اڳ منهنجو ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو رستو هڪ ٻئي سان هو. شاديءَ کان اڳ هن مون کان انجام ورتو هو تہ شاديءَ بعد سيج تي ويهڻ کان اڳ مون سان ملجانءِ. سو مان ان ئي ڳڻتيءَ ۾ آهيان تہ توهان هن سان گڏجڻ لاءِ موڪل ڏيندا الائي نہ. دل ۾ الائي ڇا سوچيندا!"

"بس ڳالھ بہ اها! تون ڀلي وڃ، پنهنجي اڳئين پريتم سان گڏجي اچ. مون کي تنهنجي سچائيءَ تي پورو ڀروسو آهي،" گهوٽ مسڪرائيندي پنهنجي ڪنوار کي زمين تان اُٿاريندي چيو.

ڇوڪري انهن ئي ڪپڙن ۽ ڳهن ڳٺن ۾ پنهنجي سنگتيءَ سان ملڻ لاءِ اڌ رات جو رواني ٿي. رات اونداهي هئي. هوءَ بہ بتي کڻي ان جي سوجهري ۾ اڳتي پنهنجي سنگتيءَ سان گڏجڻ لاءِ هلندي رهي. اڃا اڌ پنڌ مس ڪيائين تہ رستي تي هڪ چور گڏيس.

هڪل ڪري چيائينس، "بيھ!"

ڇوڪري ويچاري بيهي رهي. چور چيس تہ، "اهي ڳھ ڳٺا لاهي ڏي."

ڇوڪريءَ تنهن تي نيزاري ڪري چيس، "مان هن وقت پنهنجي پياري سان گڏجڻ ٿي وڃان. مون اڄ ئي شادي ڪئي آهي. هيءُ ڏس، وهانءَ جو وڳو اڃا سوڌو پاتل اٿم. منهنجي يار

مون کان انجام ورتو هو ته شادي ڪرڻ کان پوءِ، سيڄ تي ويهڻ کان اڳ مان ساڻس گڏجان. سو وڃان ٿي اوڏانهن. اڳ ئي دير ٿي ويئي اٿم، سو موڪل ڏي ته متان وڌيڪ نه دير ٿئي ۽ منهنجو پيارو انتظار ڪندي ڪندي هليو نه وڃي. باقي اها خاطري ٿي ڏياريانءِ ته اتان موٽندي، توکي هي سڀ زيور لاهي ڏينديس."

"توکي، تنهنجي گهوٽ، سنگتيءَ سان گڏجڻ لاءِ موڪل ڏني؟" چور عجب مان پڇيو.

"ها، هن جو مون تي پورو پروسو آهي. مون ڪيس سموري ڳالهه ٻڌائي آهي،" چوڪريءَ چيو.

"پاڳ واري آهين تون ۽ تنهنجو گهوٽ. مون کي زيور نه گهرجن ۽ نه پيو ڪجهه. مون کي پنهنجو سڃڻ ئي سمجهه، تون پل وڃ، ڪنهن به ڳالهه جو فڪر نه ڪر"، چور شرمساريءَ وچان چيو.

چوڪري اتان ٿي اڳتي هلي. اڃي مقرر هنڌ تي پنهنجي پرينءَ سان ملي. چوڪرو چوڪريءَ کي ڏسي عجب ۾ پئجي ويو. چي، "مون نڪي سمجهيو ته ڪو تون ايندينءَ."

"انجام جو ڏنو هوم."

"جذبات وس ٿي اهڙا انجام ڪيئي ڏيا آهن. پر پوءِ حالتن هيٺ مجبور ٿي، اهي انجام پاڙڻ مشڪل ٿي پوندا آهن. مون تو بابت به ائين ئي سمجهيو هو."



"پنج ئي اڱريون برابر نہ اهن."

"پر توکي گهوٽ موکل ڪيئن ڏني...؟ يا تون بنا موڪلائي هلي آئي آهين؟" چوڪري اُتاولي‌ءَ مان پڇيو.

"مان بنا موڪلائي ڪونہ آئي آهيان. مان پنهنجي مڙس کي سموري‌ءَ ڳالهہ کان واقف ڪري، ڪائنس موڪلائي آئي آهيان". چوڪري‌ءَ مشڪندي چيو.

"هان، توکي تنهنجي مڙس موڪل ڏني؟ پلا رستي ۾ ههڙي اوندهہ ۾ ڪوبہ ڊپ ڪونہ ٿيئي؟"

"نہ، هڪڙو سو چور گڏيو هو، جنهن ڳهہ ڳڻا ٿي ڦريا. پر منهنجي سموري ڳالهہ ٻڌڻ بعد مون کي پنهنجي پيڻ ٻڌايائين."

"واهہ! واهہ! شاباس آهي، تنهنجي گهوٽ کي ۽ واڌايون آهن چور کي. عظيم آهين تون. چئبو تہ مان اهڙو نيچ ٿيندس جو ڪا اهڙي تهڙي هلت هلندس. تون منهنجي ٻ اڄ کان ونءِ پيڻ آهين. هاڻ جلد واپس گهوٽ وٽ وڃ." ائين چئي چوڪرو پٺيان موٽي ويو ۽ چوڪري گهوٽ ڏانهن هلي آئي.

"هاڻ توهان ٻڌايو تہ انهن گهوٽ، چور ۽ سنگتي‌ءَ مان ڪنهن جو درجو وڏو آهي؟"

هڪ ڀاءُ چيو "وڏو درجو گهوٽ جو آهي، جنهن دل ۾ پنهنجي ڪنوار لاءِ ڪو غير نہ آئي، مٽس پروسو رکي ڪيس سندس سنگتي‌ءَ سان گڏجڻ جي موڪل ڏني."

"منهنجي خيال موجب وڏو درجو چوڪري‌ءَ جي ان دوست

جو آهي جنهن اونده ء اڪيلائپ جي موقعي جو ڪو فائدو نه وٺي ڪنوار کي ائين ئي گهر ڏانهن واپس وڃڻ ڏنو. ٻئي ڀاءُ چيو.

"نه. وڏي ۾ وڏو درجو حور جو آهي. جنهن هيڏا سارا قيمتي زيور ڇڏي ڏنا." ٽئين ڀاءُ چيو.

قاضيءَ ٽنهي ڀائرن جا رايا ٻڌي چيو. "وڏو ڪير؟ ان بابت الڳ الڳ رايا ٿي سگهن ٿا. پر توهان جي ٻيءَ جي منڊي توهان جي ننڍي ڀاءُ جنهن حور کي ئي وڏو درجو ڏنو آهي. تنهن ئي کنئي آهي. ان ۾ ڪي به جدا جدا رايا ٿي نٿا سگهن."

ٽئين ڀاءُ ڪند هيٺ ڪري چيو. برابر منڊي مون ئي کنئي آهي.

پوءِ ٽئي ڀائر قاضيءَ جي سٺائپ ڏسي کيس داد ڏيندا وڃي آرامي ٿيا.

قسمت کيئن جاڳي

ڪنهن ملڪ ۾ هڪ پائر رهندا هئا. قدرت جا عجيب رنگ. هڪڙو هو ڏاڍو امير، جنهن وٽ دنيا جون سڀ نعمتون هيون ۽ ٻيو وڇارو غريب. جنهن جو گذر بہ مشڪل سان ٿيندو هو. ڏاڍا ڏک ڏٺائين. پوءِ هڪ ڏينهن لنگهي وبو هڪ ساڌوءَ وٽ ۽ چيائينس تہ، "سائين ساڳي ماءُ جا پٽ؛ هڪڙو امير، ٻيو فقير! نيٺ هيءُ ڪهڙو راز آهي؟" ساڌوءَ کيس چيو، "پٽ، تنهنجي قسمت سمهي پيئي آهي؛ ننهنجي ٻاءُ جي قسمت جاڳيل آهي. بس راز اِجهو اِهو آهي." غريب شخص چيو، "سائين مون کي ٻڌايو تہ قسمت ڪٽي سمهي پيئي آهي تہ مان اُن کي جاڳائڻ جو جتن ڪريان." ساڌوءَ وراڻيو، "پٽ قسمت ستين سمنڊين پار هڪڙي ٻيٽ تي سمهيل آهي."

بس پوءِ اُهو غريب شخص قسمت جي تلاش ۾ نڪري پيو. هلندي هلندي نيٺ اڇي رات ٽيس. رات گذارڻ لاءِ هڪ ٻير جي هيٺان پنهنجو پوتڑو وڇائي سمهي پيو. جڏهن صبح جو سفر

لاءِ اٿيو ته پير جي وڻ جيس. ڪيڏانهن پيو وڃين؟" جواب ڏنائين. "منهنجي قسمت سمهي پئي آهي. ان کي جاڳائڻ ٿو وڃان." پير پڇيس ته. "خير اٿئي ته قسمت ڪٿي آهي؟" غريب جواب ڏنو. "هائو سٺين سمنڊن پار هڪڙي ٻيٽ تي." تڏهن پير چيس. "قسمت کان پڇج ته مون ۾ ڦل ڇو ڪونه ٿو ٿئي." پير سان انجام ڪري اهو شخص وڌيو اڳتي. سڄو ڏينهن جهنگل جا ڦل کائيندو. سمنڊ پار ڪندو. نيٺ اچي هڪ هنڌ پهتو ۽ ٿڪ ٻڻڻ لاءِ زمين تي لٽي سو. اوچتو هڪ نانگ فوڪ ڏيئي کيس اٿاريو ۽ پڇيائينس: "ڪيڏانهن ٻنڌ پيو آهين؟" هن شخص نانگ سان به ساڳيو قصو ڪيو. جيڪو پير جي وڻ سان ڪيو هئائين. جنهن تي نانگ چيس. "ٻيلي قسمت کي جاڳائي مون لاءِ پڇج ته مان سائي گاهه ۾ رهان. توڙي سمنڊ ڪناري ٺڏڪار ۾ رهان، ته به منهنجي کوپري پيئي هميشه ٻري. اُن جو ڪارڻ ڇا آهي؟" غريب نانگ سان به اهڙو اقرار ڪري اڳتي پنڌ پيو.

ائين مهينن جا مهينا پند ڪندي، هڪڙي ڏينهن اچي هڪڙي بادشاهيءَ ۾ پهتو. جتي سالن کان وٺي اَن جو ڏاڍو ته نه ٿيو هو. ماڻهو ڦل ڦول کائي پيا پيٽ گذران ڪندا هئا. شهر ۾ نئين شخص کي ڏسي حوالدار کيس چڪي راجا وٽ وٺي ويا. جڏهن راجا کائنس هن راڄ ۾ اچڻ جو ڪارڻ پڇيو ته منڍ کان وٺي کيس سرسنو قصو ڪري ٻڌايائين. راجا ٻڌي ڏاڍو خوش

ٿيو ڄڻائيس. "تون اڳو پوءِ قسمت وٽ ٿو وڃين ته پوءِ اسان جي خلق جي قسمت جي باري ۾ به پڇجانس ته هن کي ڪيترن سالن کان اناج ڇوڻ نصيب ٿيو آهي." نينگر راجا سان به اقرار ڪيو ۽ اڳتي وڌيو ۽ ٻيٽ اچي سنين سمنڊ جي ڪناري تي رسيو. جيڪو لنگهڻ ڏاڍو اؤکو هو.

سمنڊ جي ڪناري بيٺو هو ته هڪ سپ رڙهي وٺس آئي ۽ ساڳيو ئي سوال ڪيائين. "آيا پٽ ڪيڏانهن ڪاهه ڪئي اٿئي؟" ڇوڪري سپ سان به ساڳي ڳالهه دهرائي. جنهن تي سپ ڄيس. "مون تي هڪ مهرباني ڪر. جو قسمت کان پڇجانءِ ته مان سڄو وقت پاڻيءَ ۾ ٿي رهان. ٻر منهنجو پيٽ سدائين پيو ٿو ٻري. تنهن جو ڪارڻ ڪهرو؟" ڇوڪري ڄيس ته مان اها ڳالهه ضرور پڇندس ۽ موٽي اچي نوسان حال اوريندس پر هاڻي تون مون کي سمنڊ پار ته ڪراءِ جيئن انهيءَ ٻيٽ تي پهچان. جتي قسمت سمهي پيئي آهي." سپ کيس پٺيءَ تي ويهاري سمنڊ پار ڪرايو.

آخر ڇوڪرو اچي انهيءَ ٻيٽ تي پهتو. جتي برابر قسمت سمهي پيئي هئي. هو وڃي قسمت جي ڀرسان ويٺو ۽ کيس جاڳڻ لاءِ ويٺي ڪيائين. قسمت جاڳي پئي ۽ ڇوڪري کان پڇيائين ته ڪهڙي ڪارڻ ايڏا پنڌ ڪيا اٿئي. تڏهن ڇوڪري پنهنجي غريبيءَ جا ڏک ٻڌايا ۽ فقير واري ڳالهه به ڪري ٻڌائي. قسمت چيس. "تون ڇا ۾ غريب آهين؟ هاڻي پويان ٻير ڪري

موٽ. تون بلڪل ئي بدلجي ويو آهين. هاڻ رڳو عريبيءَ جو خيال من مان ڪڍي ڇڏ." نينگر کي ڏاڍو آٿت آيو. پوءِ هن سفر دوران، رستي تي گڏيل دوستن جا سوال پڻ قسمت اڳيان هڪ هڪ ڪري رکيا ۽ انهن جا جواب طلب ڪيا. ڇاڪاڻ جو هو هنن کي انجام ڏيئي آيو هو. پهرين چيائينس ته "قسمت ماءُ. سپ سمنڊ ۾ ٿي رهي، پوءِ به پيٽ هميشه ٻيو ٻريس. تنهنجو ڪارڻ ڇا؟"

قسمت چيس، "سپ جي پيٽ ۾ هڪ وڏو موتي آهي. سو ڪڍڻ سان سندس پيٽ ٿڌو ٿي ويندو." وري راجا جي ملڪ ۾ سالن کان اَن جو دانو به پيدا نٿو ٿئي. سو سوال ڪيائين. قسمت جواب ڏنس ته راجا جي گهر ۾ هڪ وڏور ڌيءُ ويٺي آهي، جنهن جي شادي نه ڪرائي اٿس. تنهن ڪري سندس ديس ۾ اناج نٿو اُڀري. جيڪڏهن هو ڌيءَ جي شادي ڪرائيندو ۽ هيءَ مٺ اَن جي ٻوکيندو ته اَنبار ٿي ويندا. نانگ جي سوال جي جواب ۾ قسمت چيس، نانگ جي ڦڻ ۾ هڪ املهه مِڻ آهي. اگر اها ڪڍي ڇڏيندو ته کيس آرام اڄي ويندو. آخر قسمت کان پڇيائين ته ٻير ۾ ڦل ڇو نٿو ٿئي. قسمت ورائيو:

ٻير جي پاڙ ۾ سون ڄانديءَ جي هڪ ديگ پوريل آهي. جيڪڏهن اها انان ڪڍي ڇڏجي ته ٻير ۾ جام ٻير ٿيندا.

قسمت کان موڪلائي ڇوڪرو واپس پنڌ پيو. پهرين کيس سمند تي سڀ گڏي، جنهن کي قسمت وارو جواب

ٻڌايائين. سڀ چيس. "اڄ تون ئي منهنجي ٻيٽ مان اهو موتي ڪڍ ته مون کي آرام اچي." جوڪري سڀ وارو موتي ڪڍي، پاڻ وٽ قابو ڪيو ۽ پيڌ ڪندي اچي راجا واري ملڪ ۾ ٻهتو ۽ سڀ وارو قصو کيس ٻڌايائين. راجا چيس. "برابر منهنجي ڌيءَ ڪنواري ويٺي آهي. توکان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو گهوٽ ويهي ڳولبان!" راجا جي ڌيءَ سان شادي ڪري اناج جي مٺ وٺي چوڌاري ڦٽي ڪيائين ته جام فصل تيار ٿي ويو. پوءِ زال کي پاڻ سان وٺي اچي ٽانگ وٽ ٻهتو ۽ کيس پڻ سندس ڏک جو سچو سبب ٻڌايائين. ٽانگ ته مٿس يقين ڪيو ۽ چيائينس. "آيا تون ئي حقدار آهين انهيءَ املهه مڻ جو. ڀلي. جلدي ڪر منهنجي کوپڙيءَ مان کٽي ڪڍي وٺ ته مان آرام جا ڏينهن گذاريان." پوءِ زال مڙس اچي وڻ وٽ ٻهتا. کيس پڻ قسمت وارو نياپو ٻڌايائين. ٻيبر جي وڻ چيو. "جلدي ڪريو سون چانديءَ جي ديگ اوهين ڪڍي وٺو ته مون ۾ ڦل ٻيدا ٿئي." زال مڙس گڏجي ويهي وڻ جي ٻاڙ کوٽي ۽ ديگ کي چڪي ڪيائون ٻاهر ته وڻ ۾ اڪيچار ڦل اُسري آيا.

پوءِ ته سمورو مال ڍوئيندا گهر ٻهتا ۽ ڇوڪرو سکيا ڏينهن گذارڻ لڳو ۽ سندس قسمت هميشه لاءِ جاڳي ٻئي.

پيءُ جي نصيحت

هڪڙو غريب شخص هو. ڪيس هڪ پٽ هو. جڏهن انهي غريب شخص جي مرڻ جي مهل آئي. تڏهن پنهنجي پٽ کي سڏي چيائين ته: پٽ! منهنجي چالاڻي جو وقت آهي. آئون توکي ٽي نصيحتون ڪريان ٿو. جيڪڏهن تون انهن تي عمل ڪندين ته ڪڏهن به ڏک نه ڏسندين. پهرين ته گهر کي چم جو لوڙهو ڏجانءِ، ٻيو ته زال کي قابو ٻڌجانءِ ۽ ٽيون ته انّ ڪوٺي ڪچهري ڪجانءِ. اهي ٽي نصيحتون ڪري غريب شخص مري ويو.

سندس مرڻ کان پوءِ پٽس ڇا ڪيو جو پنهنجا سڀ ڍڳا ڍور ڪُهي، انهن جا چم لاهي گهر کي کڻي لوڙهو ڏنائين. صبح جو پنهنجي زال کي ٻڌي ڇڏيندو هو، هو ڪم ڪار به ڪونه ڪندو هو ۽ ڍڳا ڍور ته پنهنجا اڳ ۾ ئي ڪهي ڇڏيا هئائين سو سڄو ڏينهن گهر ويٺو اوباسيون ڏيندو هو.

انهيءَ شهر ۾ سندس پيءَ جو هڪڙو گهاٽو دوست رهندو

هو. تنهن جو پنهنجي دوست جي پٽ جا اهي پار ٻڌا سو سڏو وٽس آيو ۽ سندس هٻتو حال ڏسي چيائين تہ: ميان! هي چا ڪيو اٿئي؟ زال کي ڪٽي ٻڌو اٿئي. پنهنجا سڀ ڏور ڏيڳا ڪهي انهن جا چمر ڪٽي گهر جي چوڌاري لڳايا اٿئي! چوڪري چيس تہ: چاچا بابا مون کي ايئن ڪرڻ لاءِ چئي ويو هو. سو انهن وصيتن کي آڻون ڪونہ ڇڏيندس. تنهن تي پٽس جي دوست چيس تہ: تو پنهنجي پيءُ جي وصيت جي معنيٰ ئي ڪانہ سمجهي آهي. هن توکي چيو هو تہ تون گهر کي چمر جو لوڙهو ڏجانءِ. جنهن جو مطلب هي آهي تہ تون پاڻ وٽ ٻہ ٽي ڪنا ڏارجانءِ. چاڪاڻ تہ ڪتا تمام سٺا چوڪيدار ٿيندا آهن. پيو پٽهين توکي چيو هو تہ زال کي ٻڌجانءِ. ان جو مطلب هي هو تہ زال کي محبت ۽ قرب سان قابو رکجانءِ. انڪري ڪچهريءَ جو مطلب هي هو تہ تون اوطاق نهراءِ ان ۾ چلم رکج. پوءِ ڏسج تہ تو وٽ اڻ ڪوٽيا ماڻهو ڪيترا ٿا اچن ۽ ڪهڙي نہ پلي ڪچهري ٿي لڳي. چوڪر پنهنجي پيءُ جي دوست جون اهي ڳالهيون ٻڌي ڏاڍو شرمسار ٿيو ۽ انهيءَ موجب عمل ڪرڻ لڳو. تنهن ڪري سڪيو ستابو رهندو هو.

ڏاهو بڪرار

ڪنهن ملڪ تي هڪڙي راڻي راج ڪندي هئي. سندس سونهن جي ملڪان ملڪ هاڪ هئي. وري عقل جي اهڙي اڪابر هئي. جو ساڻس ڪوبہ ڳالهائي نہ سگهندو هو. هڪڙي ڏينهن هڪڙي دل گهريءَ ٻانهيءَ چيس تہ: راڻي! هاڻي شادي ڪر. راڻيءَ ٻانهي جي ڳالھ ٻڌي چيو تہ: جئين سڄ ٿي... پر آءٌ شادي انهيءَ ماڻهوءَ سان ڪندس، جيڪو مون جهڙو سياڻو ۽ عقل ۾ اڪابر هوندو. تنهن ڪري هاڻي هيئن ڪر حو سڄي ملڪ ۾ پڙهو گهماراءِ تہ راڻي انهيءَ ماڻهوءَ سان شادي ڪندي. جيڪو کيس اهڙي ڳجهارت ڏئي جا هوءَ ڀيڃي نہ سگهي... پر جي راڻي ڳجهارت سلي تہ ٻوءِ ڳجهارت ڏيندڙ کي ڪاٽ ۾ وجهرائيو.

رڳو حڪم جي دير هُئي. سڄي ملڪ ۾ پڙهو گهمي ويو. ڪيترائي ماڻهو اچي گڏ ٿيا. پر راڻيءَ کي جيڪا ڳجهارت ملي سا هڪڙي ئي ڏڪ ۾ پڳي پئي هئي. اهڙيءَ طرح ڪيترائي

اڄا ڳاڙها گلڙا. رنگين ڀانئون ڀات.
وهه ننی جي وات، کهنبي ورن "کٽي" چئي.

ڳجهارت ٻڌي همراهه جيس ته واهه جي ڳجهارت آهي! پر يار مون ته اڃا نائين ڪانه ٺاهي آهي. آئون به ڪوشش ڪريان ٿو.

ڪجهه پنڌ اڳتي هليا ته هڪڙو ٻڪرار ڌڻ چاريندي ملين. هڪٻئي سان سلام ڪلام کان ٻوءِ حالي احوالي ٿيا. هنن کيس پنهنجي سڄي گالهه ڪري ٻڌائي. جا ٻڌي ٻڪرار چين ته: يار! ترسو نه آئون به نوهان سان ٿو هلان. جي ڀاڳ ڀڙايو ته ماڻهن جو ڌڻ چاريندس، جي نه، نه جيل ۾ ماڻهن جي ڌڻ سان ته هوندس. سو ڌڻ کي ڌڻيءَ پرتو ڪري، هنن سان گڏجي اٿي هليو. اڳيان کين درياءَ پار ڪرڻو هو. جيستائين ڪا ٻيڙي اچي تيستائين درياءَ جي ڪپ تي وبهي ڊاڙون هڻڻ لڳا. ٻئي سنگتيءَ ڏٺو ته درياءَ جي ڪپ سان هڪڙو ڪانو لڙهندو پيو اچي. ڪاني تي هڪ ڀنڀوري ويٺي آهي ۽ ڀنڀوريءَ جي وات ۾ هڪڙو مڃر آهي. جنهن کي پئي کائي. اهو ڏسي يڪدم رڙ ڪيائين ته: ادا! منهنجي ڳجهارت ٺهي وئي. تنهن تي هنن چيس ته: اسين به ته ٻڌون. هن چيو ته:

نر مٿان نر، نر مٿان نار،
نظر ڪري نهار، ته نر ناريءَ وات ۾!

ڳجهارت ٻڌي کٽي ۽ ٻڪرار واهه واهه ڪرڻ لڳا. نيٺ



ماڻهو وڃي ڪاٺ ۾ پيا.

انهن ڏينهن هڪڙو ڪٽي. ڪنهن ويجهيءَ جڪ ۾ رهندو هو: نه ڪا سندس شادي ٿيل هئي ۽ نه ئي ڪي ٻيا مائٽ هئس. اڪيلو ٻيو وبچارو وقت گذارندو هو. سو هڪڙي ڏينهن انهي اڪيلائيءَ کان ڪڪ ٿي خيال ڪيائين ته، ڇونه وڃي انهيءَ راڻيءَ کي ڪا پرولي ڏجي. جي نه سلبائين ته سڀ سهنج ٿي پوندا. شادي ڪري بادشاهي وٺي وبهي الولبون ڪيون. جي نه ته پوءِ ترنگ ۾ دال ماني ته مفت ۾ پئي ملندي؛ هن وات هٿ جي جهيڙي کان ته پاند پالها ٿيندا. اهو خيال ڪري، مڙس سهي سنڀري شهر ڏانهن روانو ٿيو. هلندي هلندي واٽ تي هڪڙو ٻيو همراهه مليس. هڪٻئي سان حالي احوالي ٿيا. ڪٽيءَ سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايس. مڄانَ اهو سائينءَ جو سنواريو وري هن کان به ڪو ٻه رتبون ڪٺر هو. تنهن به چيو ته: ادا! هاڻي پنهنجو گس به اهو آهي. پوءِ ڪٽن ڀاڳ. سو اڳ هو هڪ. هاڻي ڦري ٿيا ٻه. ٻئي ڄڻا قصا ڪٽيندا. پنڌ ڪندا شهر ڏانهن راهي ٿيا. اڌ ۾ کين ڪنهن اهڙي جهنگ مان لنگهڻو ٻيو جتي تمام گهڻا ڪانڊيرا هئا. ڪانڊيرن ۾ طرح طرح جا گل ۽ انهن جا تيز ڪنڊا ڏسي ڪٽيءَ هڪ ڳجهارت ٺاهي ورتي. پوءِ پنهنجي سنگتيءَ کي ٻڌايائين ته: ٻيلي! مون ڳجهارت ٺاهي ورتي آهي. هن چيس ته: ڪهڙي؟ تنهن تي ڪٽيءَ ٻڌايس ته:

حشر ڏسي سندس حوصلا خطا ٿي ويا هئا! آخر ڳيتون ڏيندي ڏيندي چيائين ته:

نر مٿان نر، نر مٿان نار،
نظر ڪري نهار، ته نر ناريءَ وات ۾.

راڻيءَ ڳجهارت ٻڌي چيو ته: هن کي به وڃي قيد ۾ وجهو، جو هن ويچاري درياءَ جي مٿان ڪانو. ڪاني جي مٿان ڀنڀوري ۽ ڀنڀوريءَ کي مڇر کائيندي ڏسي اچي ڳجهارت ڏني آهي. هن کي به وٺي وڃي قيد ۾ ڇڏي آيا.

هاڻي آيو ٻڪرار جو وارو، جنهن ڏٺو ته ڏکئي کان ڏکيون ڳجهارتون به راڻي ڀڃيو وڃي؛ هاڻي يارن کي ڇڏي پوئتي موٽڻ به ٺهي ڪونه ٿو ۽ نڪي وري ڪا ڳجهارت ٺاهي هئائين، تنهن ڪري سر تا آسرو لاهي، هڪڙي تمام سولي ڳجهارت ٺاهي حشمت سان چيائين ته: راڻي! هوشيار ٿي، اچئي ٿي ڳجهارت. راڻيءَ کلي چيو ته: چئو. ٻڪرار چيس ته: راڻي! رب ٿئي راضي ته هڪ مان ٻه، جي رب بي راضي ته ٻن مان ٽي. ڳجهارت ٻڌنديئي راڻيءَ جون وايون ولڙيون ٿي ويون. هيٺيون هيٺ مٿيون مٿي. ڳالهه ئي سمجهه ۾ نه پئي اچيس. چي قصو ئي اُٿو، جيڪڏهن رب مهرباني ڪري ته ٻيٽا ٿي پون ۽ جي بي راضي ته ٽيٽا! راڻي ڌڪا هڻي هڻي ٿڪجي پئي، پر ٻڪرار جي نهڪار پئي ٻوي. آخر سڄو ڏينهن گذري ويو. ٻر راڻيءَ کان ڳجهارت ڪانه ڀڳي. اُتي پڪ ٿيس ته راڻي منجهي پئي آهي. آخر ڳج دير

ٻيڙي آئي ۽ ٽئي جوان ٺپي پار پيا. هلندا. ويلا وٺندا آخر ۾ اڄي ان شهر ۾ پهتا، جتي جي راڻيءَ پڙهو ڏياربو هو. ٻڇا ڳاڇا ڪري وڃي راڻيءَ جي محلات کي رسيا. دروازي تي هڪڙي وڏي ڀير رکيل هئي. هنن به اڄي ڀير تي ڏونڪو هنيو. ٿوريءَ دير کان پوءِ هڪڙي ٻانهي نڪري آئي. جنهن کي هنن پنهنجي اچڻ جو مقصد ٻڌايو. ٻانهي سندن ڦاٽل ٽٽل ڪپڙا ڏسي کين صلاح ڏني ته: چڱو اٿو ته موٽي وڃو. توهان جي هتي حاجت ڪانهي. پر هنن چيو ته اها کٽي اسانجي قسمت. تون رڳو هڪ ڀيرو راڻيءَ وٽ وٺي هل. بس راڻيءَ کي ڏسندي ئي هنن جو عقل حيران ٿي ويو. ڪجهه ڪڇن ئي ڪونه. ڄڻ ته مڱ وات ۾ پئجي ويا هئن. آخر گهڻيءَ دير کان پوءِ راڻيءَ کين چيو ته: ڏسو ڇا ٿا؟ واري واري سان ڳجهارت ڏيو. تنهن تي پهرين کٽيءَ پنهنجي ڳجهارت ڏني ته:

اڇا ڳاڙها گلڙا، رنگين ڀاتئون ڀات.
وهه تي جي وات، کهنبي ورن "کٽي" چئي.

ڳجهارت ٻڌي راڻيءَ ساڻس ڳالهايو ته ڪونه ۽ سپاهين کي حڪم ڪيائين ته: هن کي وڃي ڪاٺ ۾ وجهو. ويچاري ڪانديرن جا گل ۽ ڪنڊا ڏٺا آهن ۽ هليو آهي مون سان شادي ڪرڻ. ويچاري کٽيءَ جا ته ڍڍر ئي ڍرا ٿي ويا. سپاهي ڀلا حڪم جا بندا سو کٽيءَ کي گهلي ويا ۽ وڃي قيد ڀيڙو ڪيائونس. وري آيو ٻئي جو وارو؛ پر پنهنجي کٽي دوست جو

کان پوءِ راڻيءَ بان ڪئي ۽ پنهنجي هار مڃي چيس ته: هاڻي ڳجهارت سڄي ڪر. ٻڪرار چيس ته: قاضي گهرائي مون سان نڪاح وجهه. نه پوءِ توکي ڳجهارت ٻڌايان. نيٺ راڻي پنهنجي انجام موجب قاضيءَ کي گهرائي غريب ٻڪرار سان شادي ڪئي. پوءِ راڻيءَ چيس ته: هاڻي ڳجهارت سڄي ڪري ٻڌاءِ. ٻڪرار چيس ته: هائو تون پهريائين منهنجا سنگتي جيل ۾ وڌا اٿئي انهن کي گهراءِ ۽ ٻين کي به آزاد ڪر. راڻيءَ يڪدم حڪم ڪيو ته سڀني قيدين کي آزاد ڪري ڇڏيو ۽ سندس سنگتي به اتي اچي حاضر ٿيا. پوءِ ٻڪرار چيو ته: راڻي ٻڌا رب ٿئي راضي ته هڪ مان ٻه. جي ٿئي بي راضي ته ٻن مان ٽي. انهيءَ جي مطلب هيءُ آهي ته جيڪڏهن رب سائين مون تي مهربان ٿئي ۽ تون ڳجهارت نه ڀڃي سگهين ته پوءِ تو هارايو. انهيءَ جي معنيٰ ته تون مون سان شادي ڪرين ۽ پاڻ ٻه ٿيون. تڏهن چيم ته رب ٿئي راضي ته هڪ مان ٻه. پر جيڪڏهن رب سائين ناراض ٿيو ۽ منهنجي ڳجهارت ڀڃي ٿي پئي ته ٻه سنگتي منهنجا اڳ قيد ۾ هئا ۽ ٽيون آئون. تڏهن چيم ته رب ٿئي بي راضي ته ٻن مان ٽي. راڻي سڄي ڳالهه ٻڌي ڏاڍي خوش ٿي. پوءِ کيس دليئون پنهنجو مڙس مڃي. تخت تي وبهاريائين ۽ هنن ٻن دوستن جون پڻ شاديون ڪرائي. کين پنهنجا وزير مقرر ڪرائي. اُتي رهائي ڇڏيائين ۽ سڄي عمر آرام ۽ خوشيءَ سان گذاريائين.

چورن مٿان مور

ڪنهن شهر ۾ هڪڙو وڏو چور رهندو هو. جنهن جو چوطرف ڏاڪو جميل هو. آسپاس جا سڀ چور هن جي سلامي پريندا هئا. هو ڪڏهن ڪڏهن چوريءَ تي نڪرندو هو ۽ ايترو مال ميڙي ايندو هو، جو ڪيترا ڏينهن وينو موج سان ڪائيندو هو. ان کان سواءِ ٻيا چور به هن کي گهٽو ئي ڏن پٽ ڏيندا هئا. تنهن ڪري خيال ڪيائين ته چو نه هڪڙو چڪر ڏيئي اڃان. هلندي هلندي هڪڙي ڳوٺ جي ٻاهران اڇي ڏهنو. ڪوهه جي ويجهو هڪڙي نم هنڌان پوڙو وڃائي ليٽي پيو. ان وقت ڪوهه مان زالن پئي پاڻي پربو ۽ هڪٻئي سان حال پئي اوريو. هڪڙي عورت ٻيءَ کان پڇيو ته، "ادي! تون پيڪين ڪڏهن ويندي آهين؟" هن جواب ڏنس ته، "منهنجا پيڪا مون کي ڇهين ڇهين مهيني وٺڻ ايندا آهن." اهڙي طرح ٻين زالن به هڪٻئي کان پڇيو. انهن ۾ هڪڙي سهڻي ۽ برتيمر زال، جيڪا دوپستي ۾ هئي، تنهن چيو ته، "ادي! آءٌ نه پيڪن ڪاڻ سڪان پيئي، چو



نہ بابو تہ ويچارو مري ويو پر اَمز نہ جدائي ڪري وئي. باقي مامو ۽ مامي وڃي رهيا آهن. اهي بہ ٻڪي اڄن ٻڪي وڃن.

انهيءَ ڳالھ ٻولھ کان پوءِ زالون تہ دلا ڪٽي هلبون وٺون، پر چور کي اڄي هورا کورا لڳي تہ انهيءَ عورت جي مائٽن جي ڄاڻ ڪريان. سو اٿي ان جي پٺيان لڳو ۽ جڏهن عورت گهر ۾ گهڙي تڏهن ڪجھ دير کان پوءِ هن بہ اچي در کڙڪايو. ان عورت جو مڙس ڪو ٻنھ موالي هو، تنهن جو هن ڌارئي ماڻهوءَ کي در تي ڏٺو سو گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. ان تي چور چيو تہ، ابا! هائو هائو. ڇو نہ ڇڙٻون ڏيندين. اسان پنهنجون نياڻيون انهيءَ لاءِ ڏنيون نہ اوهان جون گاريون سهون. پر يار! ڇا ڪجي جو سڃاڻپ وارا مڙس مري ويا. جي پٽهين جيئرو هجي ها تہ ائين گاريون ڪين ملن ها. آئون تنهنجي زال جو مامو آهيان. تون تہ نشن ۾ آهين پر ڇوڪري بہ نٿي سڃاڻي. ڏاڍي ارمان جي ڳالھ آهي!" مائيءَ جو اها ڳالھ ٻڌي سا رڙهي آئي ۽ مڙس کي چيائين تہ، "سڃاڻين نہ ٿو تہ هي منهنجو فلاڻو مامو آهي." ائين چئي مامي کي کيڪارڻ لڳي ۽ کيس وٺي آڻي گهر ۾ وهاريائين. اُتي رات بہ پئجي وئي، سو ماني ٽڪي کائي هڪٻئي کان حال احوال وٺڻ لڳا. چور چيو تہ ادا! ٻيو سڀ خير آهي پنهنجن ئي ڪمن ڪارين ۾ لڳا پيا آهيون. گهر ۾ اڪيلائي آهي، تنهن ڪري ڪنهن پاسي نڪرڻ بہ نٿو ٿئي. ڇوڪريءَ جي ڏسڻ جو بہ اونو هئم. پر قسمت هن پاسي ڪانہ ٿي ٿيم. هينئر ڇوڪرن جا

ظهر ڪرائتا آهن. سو جيڪا ڪمر نه سڌ ۽ ڏني اڃان ۽ چوڪري ۽ ڏسي اڃان. هاڻي مهرباني ڪري اوهين ۽ ٽي ڏينهن اڳواڻ هنو ۽ هي خوشيءَ ۾ شريڪ ٿيو. وري مائيءَ جي مڙس احوال ڏنا نه. "ادا! وقت خبر جو ٻيو گذري. هيل فصل ۽ پلو ڪوڙ ٿيو آهي. ۽ شڪر آهي جو پتي ڪٽا ٿي پوندا. هاڻي لاباري جا ڏينهن آهن تنهن ڪري ٻاهر نڪرڻ ۽ اوکو آهي. يو ۽ ننگ وقت ۾ اجي سڌ ڏنو آهي. خير، مون کي نه ڪٽي ڇڏيو. آڻون ظهر واري ڏينهن اجي ٽڪاءُ ڪندس. باقي هيءَ اوهان جي پاڻيجي آهي. ان کي پلي پاڻ سان اڳواڻ ونڻي وجو." اني جور دل ۾ خوش ٿيو ۽ چيائين نه. "ادا! جيڪا تنهنجي مرضي. چوڪري نه آڻون اڳواڻ ونڻي هلان ٿو پر مهرباني ڪري ظهر واري ڏينهن ضرور پهچي وڃجئين."

ٻئي ڏينهن مائي هار سينگار ڪري، ڳهه ڳڻا پائي تيار ٿي ننگ مامي سان مائٽن ڏانهن روانو ٿي. هن ويچاريءَ ٻهنجو مامو ننڍپڻ ۾ ڏٺو هو. تنهن ڪري هينئر سڃاڻي نه سگهي. تنهن کان سواءِ هوءَ ويچاري ٻنهنجن ابائن ڪڪ ڏسڻ لاءِ اتي هئي. سا جور کي مامو ڄاڻي وڏي خوشيءَ سان ساڻس گڏجي روانو ٿي. جڏهن ڳوٺ کان ٽمام پري نڪري آيا ۽ سج ۽ ٽورو لڙڻ ني هو، تڏهن جور مائيءَ کي چيو نه. "مائي! نه آڻون تنهنجو مامو نه تون منهنجي پاڻيجي. هاڻي پنهنجا سڀ ڳهه ڳڻا لاهي ڏي ۽ تون ڪر پوبان پير." مائيءَ کي اها ڳالهه بڌي ڏاڍو عجب لڳو. جور کي

گهڻائي واسطا ودائين پر هو نه مڙيو. لاچار وچاريءَ پنهنجا سڀئي زيور لاهي چور جي اڳيان رکيا. چور هن کي جهنگ ۾ اڪيلو ڇڏي ڳهه کڻي ٻاڻ رمندو رهيو. مائيءَ ڏٺو ته جٺ نه ڏاڍي ٿي. نه گهر جي ٿيس نه گهاٽ جي. نڪي اباڻن ڪکن ٿائين پهتس ۽ ڳهه نه ڦرايم. هاڻي جي ٿي واپس وران ته مڙس هڻي هڏ گد ڀڃي ڇڏيندم. ناحق دارئي ماڻهوءَ کي مامو سڏي دربدر ٿيس. اهي پور پچائيندي پڪو ارادو ڪيائين ته هاڻي گهر نه وڃبو ۽ اهو چور جيڪو دغا ڪري ويو آهي. تنهن کان پلاند ضرور وٺبو. بس. پوءِ ته پوئتي موٽي هڪ ڳوٺ ۾ آئي ۽ اتي هڪڙي ڄاڻ سڃاڻ واري ڪراڙيءَ وٽ اچي رهي. هوءَ جيئن نه ڳورهاري هئي، تنهن ڪري اتي هڪڙو پٽڙو ڄڻيائين.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ جڏهن مائي خوش ٿي ۽ هلڻ جهڙي ٿي. تڏهن چور جي نالي تي پچا ڪندي اچي هن جي ڳوٺ ۾ پهتي ۽ سڏي چور جي گهر ۾ ويئي. اتفاق سان چور ان وقت ڪنهن شڪار جي پٺيان ويل هو ۽ گهر ۾ رڳو سندس زال ويٺي هئي. مائي نه اڳ ۾ ئي سوڄي آئي هئي ته چور کان پلاند ضرور وٺنديس سو چور جي زال کي چيائين ته، "مائي! تو ته اڄڻ به ڇڏي ڏنو آهي. مامو ته ڪڏهن ڪڏهن منهن ڏيکاري ويندو آهي، پر تون نه صفا ڪانه اچين." چور جي زال به ڪا ڌاري هئي، تنهن سمجهيو ته هيءَ منهنجي مڙس جي ڪا مائٽياڻي آهي، تنهنڪري چيائين ته، "ادي! مون کي ته خبر ئي ڪانهي نه



منهنجي مڙس جا ڪهڙا مٽ مائٽ آهن." چور جي زال هن مائيءَ کي مان ڏيئي وهاريو ۽ ماني تڪي ڪائي ويٺيون ڳالهيون ڪرڻ.

چور جي عادت هوندي هئي ته جڏهن ڪو سڪر ماٺهو سندس ڳوٺ مان لنگهندو هو. تڏهن ان جي مهماني ضرور ڪندو هو. ٻوءِ ان کان سپ پئسا ڏوکڙ ڦري. ڦاهي ڏيئي وڃي جهنگ ۾ پوري ڇڏيندو هو. ان مائيءَ جو گهر ۾ ڦاهي لڙڪندي ڏٺي. سو چور جي زال کان پڇا ڪيائين. هوءَ به ڪا بنھ پورڙي هئي. سو سڄي ڳالھ ڪري ٻڌابائينس. پر هن مائي چيس ته، "امان! توکي سڌ آهي ته ڦاهي ڪيئن ايندي آهي؟" چور جي زال جهٽ پٽ ڳڇيءَ ۾ سرڪڻ ڦاهي وجهي ڇڏي ته. "منهنجو مڙس هي تختو ٻيرن هينان ڪڍي ڇڏيندو آهي ته ماٺهو لڙڪي لڙڪي مري ويندو آهي." هن مائيءَ به ان وچ ۾ تختو ڪڍي ورتو ته چور جي زال ڦاهيءَ ۾ ٽنگجي ٻبهي رهي ۽ اڪ ڇپ ۾ ساھ نڪري ويس. ٻوءِ اها مائي، چور جو سڄو گهر ٻهاري. زر زيور ۽ مال ملڪيت ڪٽي پلي گهوڙي تي چڙهي گهر ڏانهن روانو ٿي. وات تي پوڙهيءَ وتان پنهنجو پٽ به ڪنبائين ۽ شام ڌاري اڇي گهر پهتي. مڙس کي ٻهانو ڪري چيائين ته، "مبارڪ هجئي، مامي جي گهر مون کي پٽ جائو. اُتي گهٽائي مهمان اڇي نڪتا. تنهن ڪري چوڪرن جو ڪاھ ئي طهر ڪرائي ڇڏيائون، مون کي ۽ اُتي گوڙ ۾ تڪليف ٿي. تنهن ڪري آئون ته هڏانهن هلي آيس. باقي مامي جيو ته آئون پاڻ اچي ايندس ۽ اڇي توکان معافي

وٺندس. هن ويچارن عربيءَ سارو ڏادي عرت دي ۽ اَباڻي ورثي مان اينرا نہ زر زيور پئسا ڏوڪڙ ڏنا اين جو سڄي عمر ويٺا مزي سان کائيندا سين.“ مڙس بہ ايترو مال ڏسي کڳيون هڻڻ لڳو. ان ڏينهن کان وٺي مائي. رات جو جڳيءَ طرح در دروازا بند ڪري سمهڻ لڳي. ڇو جو هن کي ٻڪ هئي تہ ڄور کان جو ٻلاند وٺي آئي آهيان سو ڇڏيندو هو بہ ڪونہ.

هوڏانهن ڄور حڏهن شڪار ماري گهر ٻهتو. تڏهن ڏسي نہ زال ڦاهيءَ تي ٽنگي پيئي آهي ۽ گهر ۾ ڪاريءَ وارا ڪک پيا آهن. سڄيءَ عمر جي ڪمائي ڄٽ ڏسي ٻاهہ ٺي ويو. پيرو کنيائين تہ عورت جا پير لڳس. ٻڪدم سمجهي ويو تہ فلاڻي مائي جٺ ڪري ويئي آهي. خبر ان وقت تہ ڄور کڻي ماٺ ڪئي، پر ڪي ڏينهن رکي ٻہ ٽي همراهہ سان ڪري اڄي مائيءَ جي ڳوٺ ٻهتو. همراهن کي ڳوٺ جي ٻاهران ٻهاري پاڻ ويو مائيءَ جي گهر. مائيءَ جو هن کي ڏٺو سو هڪدم کڻي اڳ ورتائينس. چي، ”ماما! ڀلي ڪري آئين. ٻار ٻچا تہ خوش آهن؟ مون مڙس کي اڳ ۾ ئي ڄيو هو تہ مامو ڇوڪرن جا اڳواٽ طهر ڪرائڻ جي توکان معافي وٺڻ ايندو.“ ڄور بہ ڳالهہ سهي ڪري ورتي. سو چوڻ لڳو تہ. ”هائو مائي! آئون مڙسهين کان معافي وٺڻ آيو آهيان.“ اتي مائيءَ جي مڙس بہ ڄور کي ڏورايا ڏنا تہ. ”ادا! اوهان کي ائين واجب ڪونہ هو. پر جيڪي تيو سو چڱو.“ اهڙيءَ طرح حال احوال ڏيندي اچي رات ٿي. مائيءَ اڳ ۾ ئي اٽي ۾

ڪا نشيدار شيءِ ملائي ماني ٺاهي ڇڏي هئي. سا آڻي اڳيان رکيائين. ماني کائڻ کانپوءِ مڙس ۽ چور کي اچي گهيرٽ چڙهيا. مڙس ته اڳيئي موالي هو. باقي چور نشي ۾ سڪ ٿي ويو ۽ لت کوڙي جو ستو ته خبر ئي ڪانه پيس. اڌ رات ڌاري مائي اٿي چور جو مٿو ڏاڙهي ڪوڙي، ۽ کيس کٿي ۾ وڙهي ڀري ڪري، ڪلهي تي کڻي اٿي هلي. واٽ تي چور جا يار بيٺا هئا. تن جو هن کي ڏٺو سو عليڪ سليڪ کان پوءِ پڇا ڪيائونس. مائيءَ ڄيو نه آئون به ڪاٽڪو آهيان ۽ هڙ ۾ مال اٿم. چورن چيو، "واهه ٻيلي! حصو اسان جو به لڳي." خير هڻندي ڌڻندي ڳالهه اتي اچي بيٺي ته چورن وارو مال ڪاٽڪو کڻي ۽ ڪاٽڪوءَ وارو مال چور کڻن. انهيءَ تي مائي چورن وارو مال کڻي هلي وئي. باقي چور مائيءَ واري مال کي چڪاسڻ لڳا. اڃا جو ڳنڍ کولي ڏسن ته سندن يار ٻڌو پيو آهي. همراهن هن کي هوشيار ڪيو ۽ خبرون ورتائونس. چور کين سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي، اتي هنن همراهن کي به خبر پيئي ته مار! اسان جو مال به ويو هضم ٿي، سو خارن مان مائيءَ کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا ڳوٺ ڏانهن موٽي آيا.

هاڻي مائيءَ جو ڊپ ويتر وڌي ويو. تنهن ڪري رات جو ڪڙا ڪلف چاڙهي پاڻ پئي پهرو ڏيندي هئي. سندس مڙس سدائين نشي ۾ الغ.هوٽ هوندو هو. جنهن ڪري هن کي نه هو دشمن جو ڀؤ نه سڄڻ جو آسرو. پر مائي ويچاري سورن ۾ پئجي

وئي. هڪڙي ڏينهن چور ۽ سندس ٽي همراهه مائيءَ جي گهر ني ڪاهي آيا. پر اندر وڃڻ جي ڪا واهه نه ڏسي گهر کي ڪاٽ هڻڻ لڳا. مائي ته اڳ ۾ ئي خبردار هئي تنهن جو ڪڙڪو پڌو سو پڪ ٿيس ته چور اڇي رسبا آهن. هن ڇا ڪبو جو هڪ نيز پاڪي ڪٽي ان پٽ وٽ وڃي بيٺي جنهن کي ڪاٽ پئي لڳو. جڏهن ڪاٽ سر ٿيو، تڏهن هڪڙي چور منهن اندر ڪيو. مائي جهٽ هٿي هن جو نڪ چپ وڌي ورتو. چور وٺي پاڻ کي ڇڏيان اُڇلايو ۽ دانهون ڪرڻ لڳو ته اندر شايد ٻاٻرا ڊنگهر آهن. آئون ڪونه وبندس. انهيءَ تي بئي چيو نه. "تون ڪو ڊڇڙو آهين". ائين چئي هن منهن سوراخ ۾ وڌو ته مائيءَ هن سان ڀ ساڳي ڪار ڪئي. اهڙيءَ طرح مائيءَ ڇڻن ئي چورن جا نڪ چپ وڌي ورتا. اتي چورن پاڻ سنيالیو، ڏسن ته نڪ چپ وڌيا پيا آهن. ڏاڍا شرمسار ٿيا ۽ گڏجي انجام ڪيائون ته وري چوري نه ڪنداسون. ان ڏينهن کان پوءِ چار ئي يار ٻيلي مان ڪاڻيون ۽ ڏاڪ وڌي، اُهي وڪڻي پنهنجو پيٽ گذر ڪندا هٿا.

انهيءَ وچ ۾ ٻه مهينا گذري ويا. مائيءَ ڏٺو ته مامو هاڻي اڇيئي ڪونه ٿو. سو هڪڙي ڏينهن مڙس کان موڪلائي چورن جي ڳولا ۾ نڪتي. پڇائيندي پڇائيندي آخر ڏس ملیس نه اهي چور سڄو ڏينهن ٻيلي ۾ ڪاڻيون ڪندا آهن ۽ شام جو فلاڻي پوڙهيءَ وٽ اڇي رهندا آهن. مائي ڏس وٺي سڌي انهيءَ پوڙهيءَ وٽ آئي ۽ اڇي چيائيس نه. "نائي! خوش ته آهين؟ مامو ڪونه

ٿو ڏسجي؟" پوڙهيءَ چيس ته. "اڙي امان! اهي ويا اهن ٻيلي مان ڪاٺيون ۽ ذاڪ ڪرڻ. پر تون ڪير آهين؟" هن مائيءَ کي ٻڌايو ته. "آئون وڏي جور جي ڀاٽيجي آهيان. گهڻن ڏينهن کان مامي کي ڪونه ڏٺو هئم سو سوچيم ته اڄ ڏسي اچانس." پوڙهيءَ کيس عزت ڏيئي وهارتو ۽ خبر عافيت معلوم ڪئي. جڏهن ماني پچائڻ جو وقت ٿيو تڏهن مائيءَ چيو ته، "ناني! اڄ تون آرام ڪر نه آئون ٿي ماني پچايان. تون رڳو مامي جن کي ماني ڏيئي اچجئين ۽ منهنجي اچڻ جي به خبر ڏجئين." پوءِ مائي ماني پچائي ٻوڙ رڌي تيار ڪيو ۽ دٻڪيءَ ۾ چورن جا نڪ چپ رکي انهن جي مٿان مانيون رکي پوڙهيءَ کي ڏنائين ته وڃي مامي کي ڏيئي اچ. پوڙهي ويئي ماني ڏيڻ ته پنيان مائيءَ سڄي گهر کي ڦلهوري هڪڙيءَ ڪنڊ مان ناٽي جو پوريل ديڳڙو وڃي هٿ ڪيو جنهن مان ناٽو ڪڍي ديڳڙو اُٿئي ڦٽو ڪري اُٿي پنڌ پئي.

پوڙهي جڏهن چورن وٽ پهتي تڏهن هن کان نياپو ڏيڻ وسري ويو ۽ چور به ماني کائڻ ۾ جنبي ويا. ماني کائيندي ڏسن ته دٻڪيءَ جي تري ۾ نڪ چپ رکيا آهن. انهيءَ تي وڏي چور پوڙهيءَ کان پڇيو ته، "ماسي هيءُ ڇا آهي؟ ڪو ماڻهو گهر ۾ آيو آهي ڇا؟" تنهن تي پوڙهيءَ چيو ته، "ابا! مون کان ڳالهه وسري ويئي، تنهنجي ڀاٽيجي آئي آهي." چورن جا اها ڳالهه ٻڌي سو پڪ ٿين ته مائي ضرور ڪا حرڪت ڪري ويئي هوندي،

سو اُٿي گهر ڏانهن ڀڳا ۽ اڄي ڏسن ته ڌن وارو ديگڙو پٽ تي پيو آهي ۽ مائي ٺهي ئي ڪانه. همراهن جا ڇهه ئي ڇڄي پيا. صلاح ڪيائون ته مائيءَ وٽ مبڙ ڪري. قرآن کڻي هلجي نه نه هوءَ جند اصل ڪانه ڇڏيندي. آخر هڪڙي ڏينهن چارئي چور مائيءَ وٽ آيا ۽ هن کان معافي ورتائون. مائي وڏي چور کي چيو نه. "نون آهين منهنجو مامو تنهن ڪري پنهنجا ٽيا سڄي عمر جا جهيڙا. باقي ٻيا ٻلي معافي وٺن." هن وراڻيس ته "مائي! هن قرآن جي مهابي مون کي به بخش ڪر." انهيءَ تي مائي کڻي ماٺ ڪئي پر ايترو ڄيائينس ته. "مون به بس ڪئي. پر چوري وارو مال ڪنهن به صورت ۾ اوهان کي نه ڏينديس." چورن به لاچار اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ اهڙيءَ طرح هنن جي جند آزاد ٿي.

چار ٿول رات ڪيلي

ڪنهن زماني ۾ هڪڙا ۽ پائر رهندا هئا. هڪڙو هو آندو ۽ ٻيو هو ٻاتو. ٻنهي جي پاڙ ۾ ايتري برڪت هئي جو هڪٻئي کان هڪ پل به پري نه ٿيندا هئا. ٻاتو. آندي جي پرگهور لهندو هو. هو هر روز جهنگ ۾ ويندو هو ۽ هڪ ڪاڻين جي پري ڪري، شهر ۾ وڪڻي پنهنجو ۽ ٻاءُ جو ٻيٽ قوت ڪندو هو.

انهيءَ ديش جو راجا چريٽ هوندو هو. هر ڪنهن ڳالهه تي وهم ۽ پرم ڪندو هو. رات جو اگر ڪو سپنو ايندو هوس ته حيسين ڪو هن کي انهيءَ جو مطلب نه ٻڌائيندو هو. تبسين هن کي آرام ڪين ايندو هو. وزير، امير هر وقت راجا جي فڪر ۾ سرگردان رهندا هئا. هڪ رات راجا ڇٽن پهرن ۾ چار سپنا ڏٺا. صبح جو اٿبو ته راج دربار ۾ اُڏم مچي ويو. وزيرن گهٽائي مٿا هنيان پر ڪبر به ڪجهه سمجهائي نه سگهيو. راجا چوي ته جيسين سپنا نه سليا آهن، تيسين سندس نند آرام حرام آهي.

ٻيو ڪو حيلو وسيلو نه ڏسي، وزيرن بادشاه جي حڪم

سان ڍنڍورو گهمارايو ته جيڪو شخص بادشاهه جي سپن جو مطلب سمجهائيندو، تنهن کي اڌ راڄ ۽ اڌ ڀاڳ ملندو ۽ راجا کيس پنهنجي وڏور ڌيءُ سان شادي ڪرائيندو.

ٻڙهي وارو هيرن جواهرن جو ٿالهه گهمائيندو شهر جا ڄڪر ڏيندو انهيءَ جهوپڙيءَ وٽان اچي لنگهيو. جتي اَنڌو ۽ گڪو رهندا هئا. گڪو ته ويو هو جهنگ ۾ ڪانيون ڪرڻ ۽ اَنڌو ويٺو هو جهوپڙيءَ ۾. انڌي جڏهن پڙهو ٻڌو ته راجا جي ڪرمچارين کي سڏي چيائين ته مان راجا جي سپنن جو مطلب سمجهائيندس. درٻاري سب عجب ۾ ته انڌو شايد ٿڙيو آهي ۽ موت ڪنڌ تي سوار ٿيو اٿس. آخر جڏهن هو پنهنجي ڳالهه تي ضد ڪري بيٺو رهيو ته درٻاريءَ کيس سوٿيءَ طور هيرن ۽ لعلن جو ٿالهه ڏيئي ويا ۽ کيس چيائون ته پوري هفتي کان پوءِ وٽس ايندا ۽ محل ۾ وٺي ويندا. اگر هن ٻرولين جو مطلب نه سمجهايو ته کيس ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويندو.

شام جي وقت ٻاتو جڏهن واپس پئي وريو ته هيرن لعلن جي ڳاڙهي روشني ڏسي ڀانيائين ته جهوپڙيءَ کي ڪا باهه لڳي آهي. رڙ ڪري چيائين، "او ڀائو اَنڌا! خبر ڪا پويئي ٿي جهوپڙيءَ کي اچي باهه ورايو آهي ۽ تون بي اُلڪو ٿيو ويٺو آهين!" تنهن تي انڌي کلي ڄيو، "ڀائو ٻاتا! تون ته مون انڌي کان به نپٽ انڌو ٿو ڏسجين. هت هيرن. لعلن جو ٿالهه پيو چمڪي ۽ تون چوين ٻيو ته باهه اچي لڳي آهي." ٻاتي جو ته

عجب ۾ وات ئي ڦاٽي ويو. چي، "هيترا هيرا ۽ جواهر ڪٿان آيا؟ ڪنهن کي ڦربو اٿيئي يا الله راضي ٿيو آهي؟" انڌي تنهن تي کيس سربستي ڳالهه ڪري ٻڌائي ته راجا جون پروليون سلڻ جي انجام لاءِ کيس سوٿيءَ طور مليو آهي.

ويچاري گڪي جون ٻه ٻه ويون ته ڇهه ٻه ويون. ڏاڍو اچي پريشان ٿيو ۽ ٻاءُ کي چيائين، "تو هي ڪهڙو ڪچو ڪم ڪيو آهي؟ گهري موت ورتو اٿيئي. هاڻي مان توکان سواءِ اڪيلو هن دنيا ۾ ڪيئن رهي سگهندس؟" انڌي، ٻاتي کي آٿت ڏنو ته تون فڪر نه ڪر مان پاڻهئي پروليون سليندس، نه نه به هن ٿالهه ۾ ايترو ناڻو آهي، جو تنهنجي سڄي عمر سک سان گذري ويندي. پر ٻاتي کي آٿت ڪونه آيو ۽ ڏاڍي ڏک ۽ پريشانيءَ ۾ رهيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو اُٿيو ۽ ڏاڍي فڪر ۾ هڪ پئسي جا چٽا وٺي، اُنهن کي چٻيندو جهنگل ڏانهن روانو ٿيو. کيس اهائي هورا کورا ته سندس ڀاءُ انڌي جي ڪيئن جان بچي! جيئن ڳوڙهي ويچار ۾ هلندو پئي ويو ته پريان هڪ ڀڳل جهوپڙيءَ تي نظر پيس. ڏٺائين ته ڏينڀن جون ڪي قطارون ٻاهر پيون نڪرن ته ڪي اندر پيون وڃن. اندر وڃي ڏٺائين ته سڄي جهوپڙيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ ڏينڀن جو مانارو آهي، جنهن مان ڏينڀو پيا اچن ۽ وڃن. ڏاڍي ويچار ۾ پئجي ويو. نيٺ هڪ ڳالهه من ۾ سجهي آيس ۽ ڪاٺيون ڪري تڪڙو تڪڙو گهر واپس موٽيو.

جڏهن جهوپڙيءَ جي ويجهو ٿيو ته پنهنجي ڀاءُ کي چيائين. ڀائو انڌا! اچيئي ٿي! (يعني مان نوکي پرولي ٿو ڏيان.")

انڌي وراڻيو، "او ڀائو ٻاتا! ڀلي اچي."

تڏهن ٻاتا چيو:

جان کڻي ڪنڌ کڻان، نه ڪانهي بس ٻهير (قطار جي) جي انڌي چيس. "ادا اها ويئي (يعني مون پرولي ڀڳي)"

پوءِ چيائين:

گهر ۾ گهر هڪڙو. گهر ۾ گهر گهڻا.
چڀبندي حڻا متان ڏينيو ڏٺا هجي ڏر ۾.

هاڻي ٻاتي کي ڪجهه پٽ ۾ ساهه پيو ۽ سمجهيائين ته شايد راڄا جون پرولون به سلي وڃي. پر اڃا ته پنهنجي ڀاءُ جي آرمائش ڪرڻ ٿي گهريائين. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ وري ٻي هڪ پرولي ناهي کڻي آيو ۽ ڀاءُ کي هڪل ڪري چيائين "او ڀائو اچئي ٿي."

"انڌي چيو، ادا ڀلي اچي."

تنهن تي ٻاتي چيو:

هڪ مئي تي ٻه مئا، ٻن مئي تي ٽي
چوٿون مئو اٿيئي شوق سان ٺڙڪ پنجي تي.

تنهن تي ٿو انڌو جواب ڏئيس:

جر مڇي، پٽ مرون، پکيئڙو آڪاس
ماري مئو اٿيئي شوق مان، ٻانگ تي نظر پياس.

حقيقت هيءَ هئي ته ٻاتو جنهن جهنگل مان پئي ويو نه

هڪ هرڻ کي تلاءَ جي ڪناري تي ٻاڦي پيئندو ڏٺائين. تلاءَ مان هڪڙي مڇيءَ جو ٻچو ڏٺو. سا وڃي هرڻ جي سڱ ۾ ڦاٿي. مٿان هڪڙي سرڻ پڻي لنگهي تنهن مڇيءَ تي لامارو ڏيئي جيئن ٿي شڪار جهڙيو ته پاڻ وڃي ٻئي سڱ ۾ ڦاٿي. پربان جو هڪڙو شڪاري ٻيٽو هو، تنهن تير ڪمان چڪي هڪئي وقت تي شڪار ڪيا ۽ جيئن بود ۾ پرجي پئي ويو ته اوچتو هڪ نانگ ڏنگي وڌس ۽ سندس هٿ مان ڪاني ڇڏائجي ويئي جا وڃي نانگ تي ڪري ۽ نانگ پڻ ڦٽڪي ڦٽڪي اتي ئي ساهه ڏنو. پنجني جيون جو هڪ ئي وقت وڃي ساهه سُڪي ٿيو. ٻاتي اهو اِسرار ڏسي پرولي ٿاهي ورتي هئي.

هاڻي ستن ڏينهن جو مدو اچي پورو ٿيو ۽ راجا جا درباري ۽ اچي انڊي جي جهوپڑيءَ وٽ وارد ٿيا. اَنڊي پنهنجي پاءُ ٻاتي کي چيو ته اڄ تون ڪائين تي نه وڃ، ۽ مون سان تون راجا جي دربار ۾ هل، متان مون کي تنهنجي واهر جي ضرورت پوي. ٻاتو خوشيءَ سان پنهنجي پاءُ سان گڏجي راج دربار ڏانهن روانو ٿيو.

ٻئي پائر ڏاڍي شان شوڪت سان اچي دربار ۾ پهتا. دربار ۾ امير، اُمرا ۽ وزير وڏا پنهنجين پهنجين جڳهين تي ويٺل هئا ۽ سيني جون اکيون انڊي ۾ ڪتل هيون ته ڪيئن ٿو راجا جي پرولي‌ءَ جو جواب ڏئي. ڏاڍي دٻدٻي سان راجا دربار ۾ داخل ٿيو ته سڀ درباري ادب سان اُٿي بيٺا ۽ راجا کي جهڪي سلام ڪيائون.

راجا انڊي کي سڏي چيو، "ڪيئن پائي اَنڊا! اڄي

پرولي؟"

اَنڌي صبر سان جواب ڏنو، "ڀلي اڄي راجا سائين!"

چار ٽول رات کيلي

درٻار ۾ خاموشي ڇانئجي ويئي. ائين پئي لڳو ته اگر زمين تي سئي ڪري ته ته ان جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي. درٻاري اچرج ۾ هڪٻئي ڏانهن نهارڻ لڳا. آخر ٿوري دير رکي انڌي وراڻيو. "بادشاهه سلامت پنهنجي ڳجهارت جو جواب ٻڌ:

راجا ستو هئين ننڊ ۾ مٿان چادر پائي،
باهه ڏٺي هيئه ٻرندي، تنهنجو ملڪ جليو آهي؛
کنوڻ ڏٺي هيئه کڄندي، تنهنجو ملڪ وسيو آهي؛
طوطو ڏٺو هوءِ باغ ۾، لٽڪيو انب وڻين؛
ٻار ڏٺو هوءِ ننڊ ۾، ڇنو ماءُ ٿڻين؛
جي اها ڳالهه وڻي، ته پرٽاءِ مون پرئي مڙس کي.

بادشاهه جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چوڌاري "واهه! واهه!" ٿي ويئي. ڳالهه هيءَ هئي ته بادشاهه رات جي پهرين پهر ۾ ڏٺو ته وڏي باهه لڳي آهي، جنهن ۾ سندس ملڪ جلي رهيو آهي، ٻئي پهر ۾ ڏٺائين ته زبردست برسات پيئي آهي ۽ ملڪ وسي ويو آهي. ٽئين پهر ۾ ڏٺائين ته گرم هوا (لڪ) ڪري هڪ انب اهڙو ته سڙي ويو آهي جو جيئن هڪ طوطي اچي ان ۾ چهنب هنئين ته اُتي جو اُتي مري ويو ۽ انهيءَ ٽاريءَ ۾ ٽنگجي پيو. چوٿين پهر ۾ ڏٺائين ته هڪ ٻار ماءُ جي ٿڃ پي رهيو آهي، پر جيئن ماءُ ننڊ ۾ پاسو ورايو ته ٻار روئي رهيو آهي.

بادشاھ جواب ٻڌي خوش ٿيو. ٻر ٻئي طرف اڄي ڳڻتي ورايس ته پنهنجي ذيءَ جي شادي هڪ اَنڌي سان ڪيئن ڪرائيندو. وزير سان صلاح ڪيائين. جنهن هڪڙي ڏاهپ ڏسيس. چيائينس. نور ڏيندڙ سرمي جي هڪ سرائي صرف هڪ ڀاسي ڀري تا انڌي کي ڏيون. جنهن مان سندس هڪ اک ۾ نور اچي ويندو. پوءِ اسين کيس چوڻداسين يا ته ٻيءَ اک جو نور گهر يا ته شهزاديءَ جي ڀانهن گهر."

بادشاھ کي صلاح ڏاڍي وٽي سو حڪم ڪيائين ته نور ڏيندڙ سرمي جي سرائي صرف هڪ طرف ڀري اَنڌي کي ڏيو ۽ چئوس ته سرمو پائي ته سندس نظر موٽي اچي. اَنڌي کي جڏهن سرمي جي ڪاني ملي ته ڀاءَ کان پڇيائين ته ڪاني ٻئي طرف ڀريل آهي يا هڪ طرف. سندس ڀاءُ کيس آگاھ ڪيو ته سرائي صرف هڪ طرف ڀريل آهي. اندو ڏاڍو سياڻو هو. سو ڳالھ کي تاڙي ويو ۽ سرائيءَ جو اهو ٻاسو کڻي وات ۾ وڌائين ۽ چکڻ سان کيس معلوم ٿي ويو ته سرمي ۾ ڪهڙيون شيون ڀيل آهن. پنهنجي ڀاءُ کي ساڻ ڪري هو بازار مان اُهي شيون خريد ڪري آيو ۽ سرمو ٺاهي سرائي ڀري ٻنهي اکين وڌائين. نور موٽي آيس ۽ ماڻهن جهڙو ماڻهو ٿي پيو.

هاڻي ته بادشاھ لاءِ ٻيو ڪوبه رستو کليل نه هو. نيٺ پنهنجي راڄ جو اڌ ته ڏنائينس ۽ پنهنجي وڏور ذيءَ سان پرڻايائينس به. اُهو شخص پنهنجي ملڪ جو راڄ ڪاروبار هلائڻ لڳو ۽ پنهنجي ڀاءُ کي کڻي وزير بڻايائين.

عقل ۾ اکابر

ڪنهن زماني ۾ سڌ ديس ۾ هڪڙو هاڪارو بادشاهه راڄ ڪندو هو. هو ملڪ جو حاڪم هو ۽ جنهن به شيءِ جي ضرورت پوندي هئس. اُها سندس اڳيان حڪي حاضر رهندي هئي. دنيا جون ٻيون شيون ته خريدي سگهجن ٿيون. پر ڪي اهڙيون به شيون آهن جن جي خريدڻ جي سگهه وڏي ۾ وڏي شهنشاهه وٽ به نه آهي. علم ۽ عقل به خريدڻ سان نٿو ملي سگهي. "جو وهي سو لهي."

بادشاهه کي هڪ لڳا اجي ريجڪ چڙهيو ته آءٌ سهڻي ۾ سهڻي ۽ عقلمند ۾ عقلمند ونيءَ سان وهاڻءُ ڪريان. راڻيون ته گهڻيئي هيس. سونهن ۾ هڪ ٻئي کان سرس. عقل ۾ به ڪي ته اڪابر هيون ئي. پر راڄا جي من ۾ اچي اهو خيال ويٺو ته ڏسي ته سهي ته سندرتا ۽ سياڻپ ۾ ڀڙ ڪهڙي ناري سندس ديس ۾ ٿي وسي، جا سندس محلات جو سينگار نه ٻڌي آهي.

بادشاهه جو حڪم ٿيو ته چوڏس چوڏار پڙهڻا گهمي ويا. ناد

نغارا وڃي ويا ۽ ديس ۾ اهڙي ٻري ٻيڪر جي ڳولا جاري ٿي ويئي. عام کي اهو ٻڌرو ڪيو ويو ته "حسن ۽ عقل جي راڻي" سان ديس جو حاڪم لائون لهڻ ٿو چاهي. جنهن به ناريءَ ۾ اهي لڇڻ هجن، سا پڌري ٻٽ ٿئي. جي هوءَ برک مان پار ٻيئي ته راجا جي راڻي ٿيندي.

گهڻيءَ ڪوشش ۽ جفاڪشيءَ کان پوءِ بادشاهه جي ماڻهن هٿي وڃي هنڌ ڪيو ۽ ديس جي هڪڙي ڪنڊ مان خبر کڻي آيا ته فلاڻي سوداگر جي سڪيلڌي ڌيءَ سونهن ۾ ٻنهنجو مٺ پاڻ آهي. پر هوءَ اهڙي به هام ٿي هئي ته پنهنجو ڪانڌ انهي کي قبوليندي جيڪو ساڻس عقل ۾ برمبچي سگهي. ڪيترائي شهزادا ۽ امير هارائي هليا آهن. ڪنهن جي به هن سگهڙ اڳيان دال ڪين ٿي ڳري.

بادشاهه اهو ٻڌي ڏاڍو گدگد ٿيو. ڇو ته سندس من گهريا مطلب ٿي پورا ٿيا. کيس ته اهو اونو ۽ اُن تڻ هئي ته لاشڪ هي من جي مراد سندس پوري ٿيڻ واري نه هئي. بادشاهه جي من ۾ اهڙي ناري کي ڏسڻ لاءِ خواهش پيدا ٿي ۽ چيائين ته سگهو سنڀري وڃي اُن پار رسان. جتان اهڙيءَ ناريءَ جو نياپو ۽ سڌ ملي آهي.

شاهي تجمل ۽ طومان سان بادشاهه جي سواريءَ جون تياريون ٿيون ۽ پاڻ سان اڪابر ڏاها وزير ساڻ ڪري بادشاهه اُسهيو ان ڏس، جنهن کان قاصد اهڙيءَ پريءَ جو پيغام کڻي آيا هئا. پنڌ

ڪندا. منزلون طئي ڪندا. آخر گهڻن ڏينهن پڄاڻا اچي جيما ڪوڙيائون. ان شهر ۾ جتي اها ناليواري سوداگر جي نينگر رهندي هئي.

قاصدن وڃي خبر سڀيس ته خود بادشاهه تنهنجي عقل جي پرک وٺڻ آيو آهي ۽ لوسان شاديءَ جون سڌون ٿو ڪري. نينگر اهو ٻڌي نهال ٿي ۽ ورندي ڏنائين. 'جهان پناهه' بلاشڪ هن بنديءَ جي غريبخاني تي هلي اچي. منهنجا ته وڏا ڀاڳ چئبا جو بادشاهه پاڻ پير ڀري آيو آهي. ڪيس چؤ ته آءِ اوهان کان ٻي سوال پڇنديس. جي اوهان ان جا صحيح ۽ پورا جواب ڏنا ته پوءِ هيءَ جان اوهانجي ملڪيت آهي. پر جي اوهان جو جواب صحيح نه نڪتو ته پوءِ منهنجي ٻانهي سرا طور اوهانجي پٺيءَ تي هروار هڪ پادر جو نشان ڄمائي ڇڏيندي. اهڙي گستاخي معاف ڪريو ته پوءِ ڀل اچو. ٻيا به وڏا امير ۽ سردار ائين ٺپا هڻائي ويا آهن.

اهو ٻڌي في الحال ته بادشاهه جا وائيسر بتال ٿي ويا. اچي ڪٽڪو لڳس ته ڇوڪر چڱي نه نڪتي' جي ٿو عقل ۾ هارايان ته سڄي ملڪ ۾ ٻت وائکي ٿي ويندي پر بادشاهه کي خبط کنيو هو. سو ڪٿي ٿو هن ڳالهه کان باز اچي' وزيرن اميرن سان صلاح ڪيائين. جن چيس، 'قبلا! هن ڇوڪريءَ جي ڪهڙي مجال جو اوهان سان برمنچي سگهي. نينگر ڪا بجرلي ٿي ڏسجي، جو ڪوڙا دهمان پئي ٻڌي. اوهانجي عقل جي اڳيان هن جون متيون ئي منجهي وينديون.' بادشاهه جو اندر ته کاڄي



وبو هو، پر همت حو سندرو بڏي پهنجي پرن کي باد ڪندو چوڪريءَ جي مڪان ڏانهن راهي ٿيو.

بادشاهه جڏهن سؤداگر جي ذيءَ حي محلات وٽ پهتو تہ پاهران لکيو پيو هو: ڪبر اندر اجي ڳئون تہ ڏهي ڏيڪاري! بادشاهه پهربن تہ وائڙو ٿي وبو. جي: مار! ڳالهه ہ اها! ڳئون ڏهن ڪهڙي وڏي وٽ آهي؟ حياتيءَ ۾ ڪٽي اهڙي ننڍي ڳالهه نہ ڪئي آتم، پر هن سندريءَ جي صدقي اهڙي مصيبت اکين تي! بادشاهه لنگهي ٿيو اندر. پانهيءَ سندس آجيان ڪئي ۽ ڪيس اندر وٺي ويئي. بادشاهه هيڏانهن هوڏانهن نهاربو پر ڳئون تہ ڪيس ڪٽي ہ نظر نہ آئي. عجب ۾ پيو پانهيءَ کي گهوري. پانهيءَ وٺي ڪيس خاص ڪمري ۾ وهاريو. پوءِ اندران وڃي هڪ ٽڏي پاڻيءَ حو لوٽو ۽ پيو گرم پاڻيءَ جو لوٽو ڪٽي آئي. بادشاهه جي هٿن ۾ پئي لوٽا رکي هلي ويئي. بادشاهه ڏاڍو ششدر ٿيو تہ پاڻيءَ جي لوٽن کي چا ڪري! نيٺ سوچي ويچاري عقل هلايائين. سوچيائين: گرم پاڻيءَ سان هٿ منهن ڏوئجي ۽ ٽڏي پاڻيءَ جو لوٽو پي اندر جي اُسات ہجهائجي. لوٽا پئي ٽيا خالي، پر تڏهن ہ ڳئون جو پتو نشان نظر نہ آيو. بادشاهه بالم بٽجي پلنگ تي وبهي رهيو. پانهي جا اندران آئي، تنهن نہ ڪئي هم نہ تم، پادر لاهي بادشاهه جي پٽيءَ تي ڦهڪائي چڏيائين ۽ پوءِ ادب سان هٿ ہڏي چيائين، "جيئندا قبلا! گستاخي معاف ڪجو. هاڻي توهين پل وڃو. وري سپاٽي ساڳئي وقت هليا اچجو."

بادشاھ پٺي مهٽيندي ٿيو ٻاهر. سندس ٻه به ويون ته ڇه به ويون. چي: نينگر ندوريءَ چڱي ڪار ڪئي مون سان. منهن لٿل، جيئن ٻاهر ٿيو نه پريان ڏٺائين ته هڪڙو ٻڪرار نوجوان هٿو ڪٽو. ٻڪرين جي جانگ وٺيو ٻيو وڃي. بادشاھ کي خيال آيو ته ڇو نه هن ٻڪرار جي ڦڙ کي اندر موڪلي نه گئون ڏهي اچي. ڏسجي ته ڪهڙو اسرار آهي. من ڪٿي راز سلجي پوي. هٿ جو اشارو ڪري ٻڪرار کي اوري سڏيائين ۽ ڇپائيس ته وڃي اندران ڳئون ڏهي اچ. ٻڪرار ويچارو بي وسو ٿي ويو. پر دل جهلي ٿيو اندر. داسيءَ اچي در تي سندس آجيان ڪئي ۽ وٺي وڃي خاص ڪمري ۾ وهاريائيس. ٻانهيءَ ساڳيءَ طرح ٿڌي ۽ ڪوسي ٻاٽيءَ جا لوٽا آڻي ٻڪرار جي هٿن تي رکيا. ڇوڪر ڏاهو، ٻنهن سمجهي ورتو ته هيءَ مرئي گجهه گجهاندر ڳالهڙي آهي. سو عقل هلائي ڪوسي ۽ ٿڌي ٻاٽيءَ کي ملائي لوٽا ٻانهيءَ کي واپس ڏنائين. سوداگر جي جائيءَ سمجهي ورتو ته نوجوان مرئي عقل ۾ سرس تو لڳائي. ٻانهيءَ هٿ ٻٽايو مڪائيس: سڀاڳو تو ڏسجين. قسمت روز هوندءِ نه ڏينهن پري ڪونهن. سڀاڻي به ساڳئي پهر هٿان لانگهائو نڪانءِ.

جوان سرهو ٿي ٻاهر نڪتو. راڄا جيس، ڪر خبر، ڳئون ڏهي آئين؟"

ٻڪرار وراڻيو، "ها، سائين."

"اهو وري ڪيئن؟" بادشاھ پڇيو.

انهيءَ ڳالهه تان لهي وڃو، چئي ٻڪرار رمندو رهيو.

بادشاهه حيران ٿي پنهنجي ڇانوٽيءَ ۾ ٻهتو. لڄ جو ماريو، وزيرن کي ڪيئن ٻڌائي نه ساڻس ڪهڙي حٺ ٿي گذري آهي. ۽ ٻيو ڪو چارو به ته ڪونه هوس. سربستو احوال ڪيائين. پنهنجن داناءَ وزيرن سان. جن پنهنجا مٿا ٽڪرايا پر ڳجهارت سلي نه سگهيا.

ٻيو ڏينهن ٿيو بادشاهه سهي سنڀري نڪتو. من ۾ اها اُڻ تڻ ته شل. لڄ بچي اڄي! بادشاهه محلات ۾ ٻهتو ته ساڳي ٻانهي آڄيان لاءِ بيٺي هئي. جنهن آڻي اندر وهاريس. ڳئون نه اڄ نه ڪٿي نظر ڪين ٿي آئي. بادشاهه کي هيءَ طلسم سمجهه ۾ ٿي آيو ته ٻاهران لڳو ٿيو آهي نه ڪير اندر جي گئون ڏهي ڏيکاري. پر هتي نه قصو ئي ٻيو لڳو ٿيو آهي. اڄ نه مات ڪري انتظار ۾ ويٺو نه ڪهڙو ٿو امتحان ٿئي ۽ سر تي ماڄر ٿوي. سنگهه ۾ ٻانهي هڪ ٻانهيءَ ۾ هڪڙو گذرو ۽ هڪ چري کڻي آئي ۽ اڄي بادشاهه جي اڳيان رکيائين. بادشاهه جون وايون ٻيان نه جا ڪري. جو اڳئين ڏينهن واري پادر جا ڏنا اڃا ڪين لٿا هئس. گهڻي موڇهاري کان پوءِ ٻيٽ ويچار آيس نه گذرو نه وڪليو اڻائين نه ڪاٻي نه. عقل نه ائين ٿو جوي نه گذري کي وڌي آئون ٻيٽ ٻريان. پوءِ ڏسجي نه ڪهڙو ٿو امتحان ٿئي. سو ڪاٻي وهائي گذري کي ڪيائين قارون قارون ۽ پوءِ ويٺو مزي سان کائڻ. جڏهن گذرو کائي ڪيائين پورو. تڏهن ٻانهي به اندر

آئي ۽ بادشاھ سان اھڙي ڪار ڪيائين، جيڪا اڳئين ڏينھن ٿي ٿي چڪي ھئس.

بادشاھ جو جون تني ڳاڙھو ٿي ويو. پر ڪري به نه ڄا ڪري؟ پنھنجي ھٿن سان پنھنجي پيرن تي ڪھاڙو ھڻيو ھئائين. پانَ ئي ته سڌ ڪري ھن سندريءَ وٽ آيو ھو. شرط ته ڪيس بروقت ٻڌايو ويو ھو. سو مٺي به مات ته مٺي به مات ڪري نڪتو ٻاھر. چيائين: جٺ به جٺن جھڙي ٿي اٿم. ٻيلي جتي ٻه ڏينھن آزمايا اٿم. اُني ٿيون ڏينھن به اچيو ضرور. ڪھڙي خبر. ڳالھ ۾ ڇا آھي. پت وائکي ته اڳيئي ٿي آھي. ھاڻي باقي رھيو ئي ڇا آھي! جئن راجا محل کان نڪري ٻاھر ٿيو ته ڏٺائين ساڳيو ٻڪرار پيو وڃي. بادشاھ جي دل نه رھي.. چيائين: اڄ به ھن ٻڪرار کي روانو ڪريان اندر، من ڪا ڀٽڪ پئجي وڃي ته ھيءَ ڪھڙي ڳجھارت آھي. سڏي ٻڪرار کي چيائين، "چڱا مڙس اڄ به وڃي اندران ڳئون ڏھي اچ."

ٻڪرار راجا ڏي نھاري پيو محل ڏي نھاري. ڪالھ واري ڳالھ ته ڄڻ دل تان لھي ويئي ھئس. ھاڻي جوان کي خواھش ٿي ته ڏسجي ته ھيءَ ڪھڙي ڳجھارت آھي. جوان وکون کڻندو اچي محل ڀيڙو ٿيو. ٻانھي آجيان لاءِ تيار بيٺي ھئي. جوان جيئن اندر گھڙيو، تئن ٻانھي گدري ۽ ڪاتيءَ واري ٿالھي آڻي اڳيان رکيس.. جوان پنھنجو عقل ھلائي، کڻندي ئي ڪاتي، گدري کي ذرا ذرا ڪري ڪاتي انھن ۾ سڌي ڪري ٽنبي، ٻانھي کي

ڏني ۽ چائينس ته وڃي پنهنجي سائڻ کي ڏي.

سوداگر جي ڏاهي ڏيءَ سهي ڪيو نہ هيءُ جوان مرڻي عقلمند ٿو نظر اچي ۽ جيڪڏهن هن ڏيھ ۾ ڪو ساماڻو آهي ته اهو نوجوان ئي ٿو ڏسجي حو منهنجي ور ٿيڻ جي لائق آهي. سو وري به سانهيءَ هٿان پيغام موڪلبائينس ته تنهنجو نصيب زور ٿو ڏسجي. باقي هڪ ڏاڪو جڙهي وئين ته هيءَ جان تنهنجي آهي. نوجوان اڃا نہ تعجب ۾ هو ته هيءُ معاملو الائي ڇا؟

ٻاهر نڪتو ته بادشاھ پڇيس. "ابا ڪيئن ڳئون ڏهي آئين؟"

جوان جواب ڏنو. "قبلا هائو."

"اهو وري ڪيئن؟" بادشاھ سوال ڪيو.

"انهيءَ ڳالھ تان لهي وڃو." جوان جواب ڏنو.

بادشاھ ڏسو ته پاڻيءَ کان ٻاهر نڪتو پيو وڃي. هڪوار ته خيال آيس ته ڇوڪر جي ڇنڇري لاهي ڇڏي، پر وري به ڏيرج کان ڪم ورتي. ايندڙ ڏينهن جو خيال ڪري هليو ويو.

سڀ امير وزير به حيران ته هيءَ نينگر ڪهڙو وٻڻي تماشو ڪري! پر ڪنهن کي به همٿ ڪانہ ٿي جو کٽي سمجهائي ته هن پرولييءَ جو مطلب ڇا!

بادشاھ ٽئين ڏينهن دستور موجب اڇي محلات ۾ پهتو. هن دفعي داسي هڪ ڏبلي آڻي بادشاھ جي هٿ تي رکي. بادشاھ ڏبلي کولي ته ان ۾ ڪستوري ٻيئي هئي ۽ سندس مغز معطر ٿي

وبو. پر بادشاھ مونجھاري ۾ تہ مشڪ کي ڪبڏانهن ڪري! سمجھيائين تہ بازي نہ هارائي اٿم، سو ماٺ ڪري کستوري کي پنهنجن هٿن ۾ ملي. مڇن ۽ ڏاڙهي توڙي پنهنجن وسترن کي هٻڪارڻ لڳو. بوءِ مزي سان پلنگ تي وبهي رهيو. داسي بہ اندر آئي. تنهن بادشاھ سان ساڳي تعدي ڪئي. جيڪا بہ ڏهاڙا اڳ ٿي هئس. بادشاھ منهن ڀيلو ڪري هارائي هليو. ٻاهر اچي وبچاريائين تہ جي ساڳيو جوان ملبو تہ ڪنڌ کان جهلي اندر روانو ڪندوسانس ۽ جي پوءِ مون سان راز نہ سلبائين تہ اڇلي وجهندو سانس ڪاٺ ۾ تہ ٻاٽيهي سچي ڪندو.

ٻڪرار جوان بہ ساڳي گس کان وبندڙ. اڄي ساڳي وقت ظاهر ٿيو. بادشاھ وري بہ هڪل ڪري ڇيس تہ پٽ وڄ اڄ بہ ڳئون کي ڏهي اچ. جوان محل ۾ پهتو نہ ٻاهيءَ دٻلي اڄي هٿ تي رکيس. جوان دٻلي کولي تہ خوشبوءِ سان دماغ پر ٿي ويس. دٻليءَ ۾ مشڪ ٻيئي هئي. هن يار بہ ڏاهپ هلائي ۽ پلنگ جي هڪ پائي وٺ کڏ کوٽي، ان ۾ دٻلي وجهي، ورائي ان کي پوري، مٿان پلنگ جو پائو رکي ڇڏيائينس.

سوداگر جي نينگر دل ۾ چيو تہ هن جوان بازي کٽي، سو نياٻو موڪليائين[1] تون. ور مون. پر ڪجھ ڏينهن جي مهلت ڏي. جوان گد گد ٿي هليو ٻاهر تہ بادشاھ بيٺو هو. جنهن وري بہ ساڳيو سوال ڪيس، پر جوان هن سان ڪجھ ڪين سليو. بادشاھ اتي جو اتي کيس کٽي چؤکيبو ٻڌارايو ۽ باندي ڪري

وٺي آيس پنهنجي تخت گاهه ۾. چي: جيسين سچي نه ڪئي اٺيئي، تيسين جان ڪونه ڇٽندءِ. ويچارو ٻڪرار جوان، حيل جون هوائون کائڻ لگو ۽ بيگناهه اچي آوهه ۾ اڙيو.

سوداگر ڇوڪريءَ کي معلوم ٿي ويو ته سندس ڪانڌ وڃي بادشاهه جي ور چڙهيو آهي. سو سوين ٽڪن جو ٿالهه ڀري پنهنجي ٻرنم کي مڪائين. جڏهين بادشاهه جي ڇاڙتن هنرن جواهرن جو ٿالهه آتي اڳيان رکيس نه هن جوان مٽيءَ جا ٻه ٻڪ ڀري ٿالهه ۾ وڌا ۽ حڪم ڪيائين ته واپس موٽائي موڪليو وڃي.

بادشاهه جڏهن اها روئداد ٻڌي نه جوان کان ان جو ڪارڻ پڇيائين. جوان اهڙو ڪڇي، جهڙي ڀت. بادشاهه غصي ۾ حڪم ڪيو ته هن 'نالائق' کي سوريءَ تي جاڙهيو وڃي. وڃ وانگر هيءَ خبر وڃي سوداگر نينگر جي ڪن ٻيئي، جنهن جو من ڪانڌ کي بچائڻ لاءِ متوالو ٿي پيو. پنهنجي قاصد کي هڪ لپ مڱن جي ۽ هڪ لوٽو کير جو ڀري روانو ڪيائين.

جنهن ڏينهن تي جوان کي ڦاسيءَ تي جاڙهيائون ٿي تنهن ڏينهن تي هن ناريءَ جو قاصد به اچي شهر وارد ٿيو. ڇاڙتن وڃي بادشاهه کي خبر سٽائي ته بانديءَ لاءِ ڪو ڏور ڏس کان ڪجهه کٽي آيو آهي ۽ آخرين گهڙيءَ هن جي اها خواهش پوري ڪجي.

بادشاهه پنهنجي سر قاصد کي وٺي اچي ڪال ڪوٺڙي ۾

پهتو نہ مٿان اخرين گهڙيءَ تي هو ڪو دل جو راز سلي. جوان مڱ ۽ کير جو لوٽو ورتو. مڱ اُڇلي هنيا بادشاهہ جي منهن ۾ ۽ کير جو لوٽو ڳيت ڪري پي ويو. پوءِ بادشاهہ کي مخاطب ٿي چيائين. اي راجا! هاڻي ٻڌ تہ نوکي سرسٽي ڳالهہ ڪري ٻڌايان: ڳئون نہ برابر اندر ڪانہ هئي. پر هئي پروليءَ مٿان پرولي. ٻهرين موڪليائين ٿڌو ۽ ڪوسو پاڻي. جنهن جو مطلب هو تہ حياتيءَ ۾ ٺڌي ۽ ڪوسي (ڏک سک) اچي تہ منهن ڪيئن ڏجي! مون ٿڌو ۽ ڪوسو پاڻي ملائي جواب ڏنو مانس تہ ڏک-سک در اصل هڪ ئي حيوت جا ٻہ پاسا آهن. جن کي گڏي هلائيو تہ حياتيءَ جو مزو پيو رسندو. پوءِ مڪائين گدرو ۽ ڪاتي، جنهن جو مطلب اهو تہ جيئن گدرو بند آهي، تيئن تنهنجي من ۾ ڳالهہ بند هجي ۽ مٿان ڪاتي اچي ڪڙڪي تہ جيڪر تون ڇا ڪرين؟ مون کيس وراڻي ڏني تہ ڀلي ڪير ڳترا ڳترا ڪري وجهي پر دل جو راز دل ۾ ئي رهندو. ان کانپوءِ کستوري جي دٻلي موڪليائين. جنهن جي معنيٰ اها هئي تہ خون- کستوري تہ لڪڻ جا ڪين آهن. مون وري بہ کستوريءَ جي دٻلي کٽ جي هيٺان پوري. ورندي ڏني مانس تہ ڪجهہ بہ هجي، جيسين ڳالهہ دل ۾ سانڍي سگهبي، تيسين ٻڙڪ ٻاهر نہ نڪرندي، خاطري ڪر. ان کان پوءِ تنهنجي بند ۾ ڦاٿس تہ هيرن جو ٿالهہ موڪلي چيائين تہ هنن هيرن سان پنهنجو پاڻ ڇڏائي اچ. سو مون ٿالهہ ۾ مٽيءَ جا ٻہ ٻڪ وجهي جواب موڪليو مانس تہ هيءُ مٽيءَ جو

حسد ڏوڙ وارو آهي. ٻنهن لاءِ اهڙو ڪڏو ڪم نہ ڪبو. جيڪو واعدو ڪيو اٿم، سو مرڻ گهڙيءَ تائين پاڙبو. تڏهن هاڻي هيءُ مڱ ۽ ڪير جو لوڻو موڪليو اٿائين. مطلب آهي تہ 'وات مان مڱ' ڪڍ (ڳالهاءِ) ۽ اڇي ڪير جهڙي ڳالھ ڪري ٻڌاءِ. سو اهو اٿو سموري ڳجهارت جو راز. هاڻي جيئن وٺبو. تيئن ڪريو.

بادشاھ سارو قصو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. سوداگر جي نبنگر کي گهرائي، ڏام ڏوم سان هن جي شادي ٻڪرار سان ڪرايائين. ٻڪرار جهڙي سياڻي جوان کي پنهنجي وزير جو عهدو عطا ڪيائين ۽ سيئي ڏاڍو خوش گذارڻ لڳا.

سونو ڪڙ

هڪڙي پيري ڪنهن بادشاهه پنهنجي ملڪ ۾ ٻڙهو ڏٻاريو ته جيڪو به ماڻهو مون کي ڪا اهڙي ڳالهه ٻڌائيندو. جيڪا مون ڪڏهن به نه ٻڌي هجي، تنهن کي سونو ڪڙ انعام ڏينداس، پر جيڪڏهن منهنجي ڳالهه ٻڌل هوندي ته پوءِ ان ماڻهو کي ڪاٺ ۾ وڌو ويندو.

سڄي ملڪ ۾ اها ڳالهه پکڙجي وئي. الاجي ڪٿان ڪٿان جا ماڻهو بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ اچي ڳالهيون ٻڌائڻ لڳا، پر جيڪو ڳالهه ڪٽي. بادشاهه پهرئين ئي جملي تي چئي ته: هل! اها ڳالهه ٻڌل آهي. بس اُنهيءَ مهل سپاهين وٽي وڃي ان ماڻهو کي بند ۾ ٽي وڌو.

انهي شهر ۾ هڪڙو غريب ٻڪرار رهندو هو. ويچاري کي ٻن ويلن لاءِ به وڌا وس ڪرتا پوندا هئا. هڪڙي ڏينهن خيال ڪيائين ته هلي ڪا بادشاهه وٽ قسمت آزمايان... جيڪڏهن سونو ڪڙ ملیو ته پوءِ موجون آهن. جي نه ته به هن آزار کان ته

جند چنڊي پوندي. سو دل ئي دل ۾ هڪڙي ڳالهه ناهي اچي بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ پهتو. بادشاهه ڪيس ڏسي چيو ته: ميان! ڪيئن آيو آهين؟ جواب ڏنائين ته: سائين! اڻ ٻڌل ڳالهه ٻڌائڻ آيو آهيان. بادشاهه ڪلي چيس ته: ميان! توکان وڏا عاقل ۽ هوشيار ٻڌجي ويا، هتان موتي وڃ. ٻڪرار چيس ته: جيئندا قبلا! پهرين ڳالهه ٻڌو پوءِ فيصلو ڪريو. بادشاهه چيس ته: چڱو، ڀلا ٻڌاءِ! ٻڪرار هٿ ٻڌي هن طرح ڳالهه شروع ڪئي:

جيئندا قبلا! هي انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي، جڏهن تون اڃان ننڍڙو هئين ۽ تنهنجو پيءُ هن ملڪ تي بادشاهي ڪندو هو. منهنجو پيءُ به هن ملڪ جو وڏي ۾ وڏو سوداگر هو. سندس واپار سڄي دنيا سان هلندڙ هو، مال ملڪيت ۾ به بابي جي برابر ٻيو ڪوبه مائهو ڪونه هو، تنهن ڪري سڄي بادشاهيءَ ۾ سندس وڏو اثر هو. وڏي ڳالهه اها جو تنهنجو پيءُ ۽ منهنجو پيءُ ٻئي پڳ مٽ يار هئا. رضائون قضائون سڀني انسانن تي آهن، ڏکئي سکئي وقت هڪٻئي جي ڪم پيا ايندا هئا.

هڪڙي ڀيري بابو ڪنهن ولايت ڏانهن واپار سانگي وڃڻو هو. سو وڃڻ مهل بابي پنهنجي گهر جو سمو جنڊ تنهنجي پيءُ کي امانت طور رکڻ لاءِ ڏنو هو ۽ چيو هئائينس ته: آئون توکان اهو ڏکيءَ سکيءَ مهل ونندس. ڪيترن سالن کان پوءِ منهنجو پيءُ واپار ڪري موتي آيو انهيءَ وچ ۾ تنهنجو پيءُ گذاري ويو ۽ تون تخت تي ويٺين؛ پر بابي جنڊ واري ڳالهه زبان تي ڪانه آندي،

چو جو بابي اهو جند ڏکئي وقت لاءِ پاسيرو ڪري رکو هو. ڪن ڏينهن کان پوءِ بابو ٻ گذاري ويو. پر مرڻ وقت مون کي سڃي حقيقت بڌائي جو هئائين تہ: حڏهن ٻ ڏکو وقت اچئي تڏهن اهو سونو جند وڃي بادشاهہ کان ونج. ڪجهہ ڏينهن تہ الله جي مهرباني هئي تنهن ڪري مون سائين جي کان ان جي گهر ٻ کانہ ڪئي. پر دنيا جا لاها چاڙها آهن. انسان ڪڏهن پريءَ ۾ ڪڏهن پاڪر ۾. ڏکيا ڏينهن پڇي ڪونہ اچن. پر تڏهن ٻ مون توهان کي تڪليف ڪانہ ڏني. هاڻي جڏهن کائنّ لاءِ ڪوڏي نہ رهيم تڏهن اچي حاضر ٿيو آهيان. هاڻي جي اوهانَ اها جند واري ڳالهہ ٻڌي هجي تہ، پوءِ مهرباني ڪري سونو جند موٽائي ڏيو ۽ حي اها ڳالهہ نہ ٻڌي هجيو تہ اهو سونو ڪڙ ڏيو.

بادشاهہ سڃي ڳالهہ ٻڌي مان ۾ اچي ويو. جي ٿو چئي تہ اها ڳالهہ ٻڌل اٿم تہ سونو جند ٿو ڏيٽو پئيس ۽ جي چئي ٿو تہ ڳالهہ ٻڌل نہ اٿم تہ سونو ڪڙ ٿو ڏيٽو پئي. آخر ڪجهہ دير کان پوءِ چيائين: ميان! بابي تہ مون کي اها ڳالهہ ٻڌائي کانہ هئي. تنهن تي ٻڪرار چيس: بادشاهہ سلامت! جي توهان جي اها ڳالهہ ٻڌل ڪانهي تہ پوءِ اهو سونو ڪڙ منهنجو آهي. اتي بادشاهہ سندس چالاڪيءَ کان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس ڪڙ ڪٽي ڏنائين، جيڪو هن وڪٽي وڃي گهر ٺهرايو ۽ شادي ڪئي ۽ باقي سڃي عمر آرام ۽ خوشيءَ سان گذاريائين.

Sindhica
سنڌيڪا

ٻارن لاءِ لوڪ ڪهاڻيون (بي ٻاڪ)

ڀاڱو پهريون

1ـ نيڪيءَ جو بدلو، 2ـ عقل ۽ بخت، 3ـ ٻڌي،

4ـ [illegible]

6ـ بري نيت ٿوري برڪت ۽ 7ـ ڳالهه جو ملهه

ٻاڱو ٻيون

1ـ دل جي پرک، 2ـ قسمت ڪيئن جاڳي،

3ـ [illegible]

[illegible]

ڀاڱو ٽيون

[illegible]

سنڌيڪا

سنڌ جي علمي، شعوري ترقي، ۽ [illegible]

پَڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ڀاڙي، کائُو، ڀاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑهندڙ نسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيکڏهن کو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيکڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَـنَ ساوا، گاڙهو، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڑهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٽي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَـنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪرڻ جي اُصولَ هيٺ ڈي وَڻ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَـنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان کو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيکڏهن کو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُکو پَـنَ سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پڑهندڙ نَسُل . پ ن The Reading Generation

پَڻ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پڻاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليگڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڇاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڇاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہ جِٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہ جِٽ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي به ڪٽين، جيڪي به ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ به بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڄاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڑھڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڑهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڑهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽلر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڑهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڑهڻَ، پڑهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون پاکي پائي چيو تہ "منهنجا پاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڑلاءُ".

- اياز (ڪلهي پاتر ڪينرو)